امرتا پريتم



# تيرهون سچ

سنڌيڪار
ستار

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# تيرهون سج

ليکڪ

امرتا پريتم

سنڌيڪار

ستار

سنڌ ادبي اڪيڊمي، ڪراچي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڙئي حق ۽ واسطا سنڌيڪار وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو : تيرهون سج
ليکڪا : امرتا پريتم
سنڌيڪار : ستار
ڪتاب نمبر : ڏهون
ايڊيشن : پهريون
تعداد : هڪ هزار
سال : سيپٽمبر 1999ع
ڇپائيندڙ : سنڌ ادبي اڪيڊمي
542 سي، سينٽرل ڪمرشل ايريا
پي-اي-سي-ايڇ-ايس بلاڪ-2،
ڪراچي-75400
ڪمپوزر : پيس ڪمپوزرس
5/11 فلور رمپا پلازه بندر روڊ
ڪراچي فون: 7762272
ڇپائيندڙ : جنت پريس ڪراچي
قيمت : -/70رپيا


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ارپنا

سمجهو هوم تہ منهن جو،
ڪوئي ناهي زماني ۾-
گهر- گهاٽ
مٽ- مائٽ
يار- اغيار
اڙي ڇوڙ وارو ٻہ ناهي مون ڪي-
پر نہ ڄاڻ
ڪٿان هُوءِ آئي
اُتر پار کان سرد جهوتو ٻڻجي.
سچو سرهاڻ سان واسيل-
جو ويو مون کي ڳُڳاتي
زندگيءَ جي ننڍهڻ ۾ رلندي-
جنهن سڏيو مون کي پرين!
۽ ڏنئين هٿ تي چمي
پنهنجو ڪري مون کي وٺي
تنهن کان پوءِ پانيان پيو
ڪنهن لاءِ مان پي ڪجهہ آهيان
تنهن کي ڪيئن نہ مان چاهيان
تنهن لاءِ
جوت جلائڻ ٿو چاهيان
۽ پنهنجون ساريون محنتون
ان کي ارپڻ ٿو چاهيان،
جو هن لاءِ مان پي ڪجهہ آهيان-

ستار

13 اپريل 1997

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پيش لفظ

ادب سچ آهي ۽ اديب سچ جو پرچارڪ.

ادب تاريخي حقيقت آهي ۽ اديب ان جو صحيح محقق.

دنيا ۾ جتي بہ سچائي آهي، ان کي نج پچ نروار ڪرڻ جو ڪم اديب پنهنجي سِر ڪندو آهي. پوءِ ان کي تڪميل تائين پهچائڻ ۾، هر ڏاڍ کي ڏارڻ لاءِ جدوجهد ڪندو آهي.

اکنڊ ڀارت جي تاريخ جنهن نموني ۾ تاريخدانن لکي آهي، ان کي پڙهڻ سان پتو پوي ٿو تہ ان ۾ ڪيترن ئي نہ پر سمورن دؤرن ۾ تاريخدانن تاريخ سان ناانصافيون ڪيون آهن. ڪنهن بہ تاريخدان ڪيترائي سچا پچا واقعا جيئن جو تيئن پيش ئي نہ ڪيا آهن. انهن لاءِ ڪهڙيون مجبوريون هيون، ڪهڙيون رنڊڪون هيون، جن جي ڪري هنن انهن کي پيش ڪرڻ کان لنوايو آهي.

اهي مجبوريون ٻن صورتن ۾ نظر اچن ٿيون. هڪ اها صورت آهي تہ ڪين ملڪي انتظام هلائيندڙن ڀاران ڪي دٻاءَ هجن، جنهن ڪري هو سچ لکڻ بدران نہ لکي سگهيا هجن. ٻي صورت آهي سندن مسئلن ۽ تاريخي حقيقتن جي اهميت کان اڻ ڄاڻائي.

نندي کنڊ جي تاريخي حقيقتن کي جيترو قرا ت العين حيدر اُجاگر ڪيو آهي، اوترو شايد ئي ڪنهن لکڻ جي سگهہ ساري هجي. سندس ناول ”آگ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪا درياءُ" "آخرِ شب ڪي همسفر" ۽ "سيتاهرن" پوري هندوستان جي تاريخ آهن، جنهن ۾ ڪابہ سچائي چڏيل ناهي. ناول "سيتاهرن" ۾ سنڌي شرنارٿين جي مسئلن جي پروڙ پوي ٿي. انهيءَ ڏس ۾ موهن ڪلپنا جو ناولٽ "جلاوطني" پڻ قابلِ ذڪر آهي.

قرا ت العين حيدر جو ناول "آخِر شب ڪي همسفر" پوري بنگال جي انگريزن جي خلاف ڪيل جدوجهد جي تاريخي حيثيت رکي ٿو. اهو ناول ايتري سچائيءَ تي منحصر آهي، جو اڳتي ڪنهن بہ تاريخي محقق کي ان مان تاريخي حقيقتون ڳولي هٿ ڪرڻ ۾ ڏاڍي آساني ٿيندي.

نندي ڪنڊ ۾ سچائيءَ جي ساکي اديبن جو ڪڏهن بہ ڪال نہ ٿيو آهي. اديب ٻوليءَ جا وينجهر هوندا هوندا آهن ۽ ذهني حساس هئڻ ڪري، پنهنجي ملڪ، ٻولي، ثقافت ۽ رسم و رواج جا پارکو هوندا آهن. هُو ڪوبہ ڏاڍ، ڪابہ اوٿائي پنهنجي ديس ۽ ديس واسين واسطي برداشت ڪرڻ جي لاءِ بنھ تيار نہ هوندا آهن. نہ صرف ديس جي لاءِ، پر دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾، جيڪو بہ ظلم ٿئي ٿو، جتي بہ ڏاڍ ڪري ماڻهن کي هيسايو وڃي ٿو، اديب ان لاءِ پاڻ پتوڙي ٿو ۽ اهو سڀ ڪجهہ پاڻ لاءِ ڀانئي ٿو.

"جوبہ ٿيو، جنهن جاءِ ٿيو، سو ظلم مون تي ٿيو آهي."

امرتا پريتم هوندءِ تہ پنجابي زبان جي ليکڪا آهي، جنهن ناولن ڪانسواءِ ڪهاڻيون بہ لکيون ۽ شاعري بہ ڪئي آهي.

اديب ڀل ڪنهن بہ ٻوليءَ، نسل، ديس ۽ تهذيب سان واسطو رکندڙ هجي، پر جيڪڏهن هو سچو آهي، سندس رويو پنهنجي ئي قوم، ٻولي، تهذيب ۽ ملڪي مسئلن ڏانهن مثبت آهي تہ اهو ليکڪ رڳو ان قوم جو ليکڪ ناهي، پر هو دنيا جي گولي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ وسندڙ هر قوم جو ليکڪ آهي. اهڙيءَ طرح امرتا پريتم کي جيڪا شهرت، مانُ ۽ مرتبو هندوستان ۾ يا پنجابي ٻوليءَ جي چاهڻ ۾ حاصل آهي، ان جيتري ئي شهرت هن، سنڌ جي ٻين قومن ۽ خطن ۾ بہ آهي. انهيءَ ڪانسواءِ ڪيس هند-سنڌ کان ٻاهر بہ عزت جي نگاهہ سان ڏٺو ٿو وڃي.

امرتا پريتم وٽ جيڪي موضوع آهن، اهي صرف هندوستان يا پنجابي قوم جا ناهن، پر اهي موضوع، خاص ڪري اسان سنڌ جي ماڻهن جا پنهنجا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موضوع آهن، ۽ اهوئي سبب آهي جو اسان وٽ امرتا پريتم کي وڏ ۾ وڏ پڙهيو وڃي ٿو، پرکيو وڃي ٿو. مون امرتا پريتم جو ننڍڙو ناولٽ "بند دروازو" ولي رام ولڀ جو ترجمو ڪيل پڙهيو ۽ پروڙيو. ان کان پوءِ مون کي آس جاڳي انهيءَ مها ساگر مان، پنهنجي پياس بجهايان. پر ادب جي پياس اهڙي آهي:

"پچان، ڪامان، پچران، لڇان ۽ لوچيان،
سندي سڪ پرين جي، پيان نه ڍاپان،
سمنڊ منهن ڪيان، تہ سُرڪيائي هيڪڙي."

جيئن جيئن سندس ڪتاب پڙهندو ويس، تيئن تيئن پڙهڻ جي پياس اڃا ن بہ وڌندي وئي، ايئن ڪندي مان سندس گهڻا ڪتاب پڙهي ويس. جڏهن انهن جو چَسُ چِتَ سان چُهٽي پيو، تڏهن هڪ ڳالهہ من ۾ ڪَرَ ڪنيو تہ چو نہ انهيءَ مُهانَ ليکڪا کي سنڌي پڙهندڙن وٽ روشناس ڪرايان. ۽ ڏسندي ئي سنڌي مون سندس هي ناول "تيرهوان سورج" کي سنڌي ٻوليءَ ۾ آڻي ڇڏيو.

ناول جي باري ۾ مان ڪجهہ لکڻ نہ ٿو گهران، چو تہ مون اڳ ئي اقرار ڪيو آهي تہ هي ناول مون کي بيحد پسند آيو، انڪري اهو پڙهندڙن تي ڇڏي ٿو ڏيان تہ هُو پاڻ پڙهڻ کان پوءِ ان جي اهميت جي ڪٿ ڪن، پرک ڪن. پڙهندڙ وڏو پارکو آهي، باقي هن ناول جو هيرو بہ ليکڪ آهي ۽ ان جو قدردان جڏهن هن سان ملڻ اچي ٿو تہ هن جا تاثرات، اسان جا پنهنجا تاثرات آهن، جيڪي اسان پنهنجي مُهان ليکڪن سان ملڻ کان پوءِ اظهاريندا آهيون.

هڪ ڳالهہ ٻڌائيندو هلان تہ هي ناولٽ٧٥- ١٩٧٤ع ۾ ترجمو ڪيو هوم. هڪ دوست ڇپڻ جو واعدو بہ ڪيو ۽ نيٺ ڏهہ سال پاڻ وٽ رکي واپس ڪيائين. هاڻ ١٩٩٧ع يعني ١٨ سالن کان پوءِ ڇپجي اوهان جي هٿن تائين پهتو آهي.

ستار

ڪراچي
١٧ جنوري ١٩٩٧



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

جملو ذهن ۾ نهي رهجي ويو ۽ سامهون ڪاغذ ڏانهن ڏسندي قلم مان مس ختم ٿي وئي.

سنجي جي اکين اڳيان اونده ڇانئجي وئي، صرف ڪن ۾ هڪ آواز گونجڻ لڳس. خبر ناهي ڪٿان ائين جيئن ڪوئي هوريان هوريان ٿانءَ ۾ ڪجهه گهمائيندو هجي..... پوءِ اکيون اونداهه ۾ ڪجهه هري ويس..... آڏو هڪ جهلڪ ڏسڻ ۾ آئي.... هٿ جي جهلڪ جيڪو اونده ۾ هوريان هوريان لڏي رهيو هو.

نه ڇاڻ ڪنهن جو هٿ آهي، سڃاڻپ ۾ نه ٿو اچي. صرف ايترو ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته ان هٿ ۾ هڪ ڪاٺي آهي، ۽ ان سان اهو هٿ ان ٿانءَ ۾ ڪجهه ملائي رهيو آهي. سنجي پنهنجون اکيون اونده ۾ ڪپائي ڇڏيون. لڳس، ها، ٿانءُ هٿ ڪان وڏي، اونده ۾ چمڪي رهيو آهي.... شايد ان لاءِ جو اهو ٽامي جو آهي.....

هن کي محسوس ٿيو، ته ڪجهه ياد اچي رهيو آهي...... هڪ نسخو- ڪجل هڪ سير، ڪاراڻ ۽ هو سوچڻ لڳو......... سير ڪاراڻ، اها سير ڪاراڻ ڪهڙي بلا آهي. ها، ياد آيو، سير ڪاراڻ هڪ وزن هوندو آهي، شايد ٻه تولا-

۽ هن کي هڪ نسخو ياد آيو. ڪجل ٻه تولا، ٻيل ٻه تولا، ٻير جو ڪوڻر چار تولا، هڪ رتي لاجورد، هڪ رتي سون ۽ جلبسار جوپاٽي..... ۽ انهن سڀني کي ٽامي جي ٿانءَ ۾ وجهي، نم جي ڪاٺيءَ سان ويهن ڏينهن تائين ملائيندا رهو......



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انٽرويو ڇپجڻ ڪانپوءِ هو تصويرون واپس ڪندا. پر اخباري واعده ڪير پورا ڪندو آهي.

هن وقت تصوير نه ملڻ تي سنجي کي ڏاڍي چڙ لڳي. گڏو گڏ ٿڪاوٽ پڻ، ۽ اهو احساس ته هن وقت هو نيگيٽو کڻي ڪنهن فوٽو گرافر جي دڪان تي وڃي نه سگهندو..... اڄ هو صرف ڪهاڻي موڪلي سگهي ٿو تصوير نه.

ڪاغذن کي ان ئي ميز تي ڇڏي هو بستري تي ليٽي پيو. عضون ۾ ٿڪ ۽ هڪ سک ڳاڍڙ احساس ٿيس ۽ هن کي خيال آيو: ”ڪنهن شاعر هڪ نظم لکيو هو ته خدا ڇهه ڏينهن لڳاتار دنيا جي پيدائش ڪري ايترو ٿڪجي پيو جو ستين ڏينهن هو ڏينهن رات ستو ئي رهيو..... خدا کي به آرام جي ضرورت پئي. هن کي لڳو ته هر پيري ڪهاڻي يا ناول لکڻ کان پوءِ هن کي به خدا جيان ٿڪاوٽ ٿيندي آهي، ۽ هن کي پاڻ تي ڪل آئي. اڄ منهنجو ستون ڏينهن آهي..... اڄ مان ڪهاڻي پوسٽ ڪرڻ به نه ويندس......

پر سمهڻ کان پهرياڻين هن کي سگريٽ جي گهرج ٿي ۽ هڪ بيئر جي گلاس جي به. هن وٽ ڪمري ۾ نه بيئر هو ۽ نه سگريٽ. هن دل ۾ خدا سان شڪايت ڪئي. ”يار! توکي ته مون جيان پاڻ ئي بازار وڃي سگريٽ آڻڻا نه ٿا پون ۽ نه ئي بيئر لاءِ پئسن جو بندوبست ڪرڻو پوندو آهي......

پر زندگيءَ جي مقابلي ۾ هن کي وڏيڪ خوشي ٿي ته هن خدا کي درجه بندگيءَ تي آڻي، گلا شڪايت ته ڪري ٿو سگهي اهو سوچي، هو فخر مان بستري تان اٿي وينو..... پوءِ جڏهن هن سگريٽ ۽ بيئر لاءِ پئسا کيسي ۾ وڌا ته ميز جو ننڍو خانو کولي پنهنجي تصوير جو نيگيٽو به کڻي ورتو. جيڪڏهن وچٿو ئي آهي ته هن جون پنج ڇهه ڪاپيون ٺهرائي ونندس......

ويندي مهل غسلخانه جي ننڍي شيشي وٽ بيهي وارن کي هلڪو برش ڪرڻ لڳو ته نگاهه شيشي ۾ اٽڪي پيس- ”سنجي يار! سچ ٻڌائج طلب سگريٽ يا بيئر جي آهي يا اخبار ۾ پنهنجي تصوير ڇپيل ڏسڻ جي؟“

دل ۾ هلڪو سور اٿيس. مون، پنهنجو پاڻ کي بندءِ خدا ته سمجهي ورتو پر شهرت جو ننڍڙو موقعو به ڇڏيو نه ٿو ٿئي..... ۽ هن شيشي کان اکيون ڦيري ڪري ڇڏيون.

جنهن عمارت ۾ سنجي رهندو هو ان ۾ ڪيترائي پراڻا ننڍا ننڍا گهر هئا.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

عمارت جي شروعات وارو ڪمرو پراڻو هو جتي ٻين مسواڙين جي ڪيترين ئي سائيڪلن سان هن جي سائيڪل به بيٺي هئي. هن ان ڪمري مان پنهنجي سائيڪل ڪڍي. بازار ايتري پري نه هئي.پهرين نيگيٽو پرنٽ ڪرڻ لاءِ ڏنائين، پوءِ سگريٽن جو پاڪيٽ ورتو ۽ ان ڪان پوءِ جڏهن بيئر جي دڪان تي پهتو ته خبر پيس ته اڄ اربع آهي ۽ اربع خشڪ ڏينهن هوندو آهي. سنجي جي ذهن ۾ وري شڪايت ڪَرَ کنيو. "خدايا! توهان لاءِ به جيڪڏهن ڪو ڏينهن خشڪ اچي وڃن ته توهانکي ڪيئن لڳي؟"

هو فوٽو گرافر جي دڪان ڏانهن وريو. اڄان اڌ ڪلاڪ به نه گذريو هو. جيترو فوٽو گرافر پرنٽس جي لاءِ گهريو هو. پر گهر موٽي وڃڻ ۽ ويهن منٽن کان پوءِ ٻيهر اچڻ، هن کي ڏاڍو مشڪل لڳو. انڪري هو فوٽوگرافر جي ننڍي دڪان تي هڪ بئنچ تي ويهي رهيو.

هڪ سگريٽ دکائي ۽ اڻ ڄاڻائيءَ مان سامهون هن جي ننڍي ڪمري کي گهورڻ لڳو. جنهن ۾ فوٽو گرافر هن جي نيگيٽوِ مان پازيٽوِ ٺاهي رهيو هو.

هڪ پراڻي ڳالهه هن کي ياد آئي. هڪ ڀيري هن جي واقف فوٽو گرافر جي اونداهي ڪمري ۾ وڃي فلم ڌوئڻ ۽ نيگيٽوِ مان پازيٽوِ ٺاهڻ جو طريقو ڏٺو هئائين. ان مهل اهو پاڻ هن جي اکين اڳيان اچي ويو، هن کي لڳو، هاڻ ئي هن جي سامهون جيڪو سفيد ڪاغذ هو، ان تي هن جا نقش ابري رهيا آهن. اول جهيڻا ۽ پوءِ ڏسندي ئي ڏسندي چٽا ٿيندا ويا. --

پر اوچتو، هن جون اکيون ڇنڀجي ويون، سامهون ڪاغذ تي هڪ نه ڪيتريون تصويرون ابري رهيون هيون. نه ڄاڻ ڪنهن ڪنهن جون...... عجيب ۽ گهنجن واريون شڪليون، مردن جون ۽ عورتن جون به........

سنجي گهٻرائجي هيڏي هوڏي نهاريو، هر طرف اونده هئي. صرف ان ڪنڊ ۾ ٿوري روشني هئي جتي ڪانيءَ جا ڪجهه چوڪٺ هئا ۽ جتي ٽري ۾ ڪجهه تصويرون اونڌيون سڌيون پيون هيون.....

هن هڪ ٽري ۾ هٿ وجهي هڪ اونڌي تصوير کي سڌو ڪيو. تصوير تي ڪيترائي چهرا لڏي رهيا هئا ۽ انهن کي ڏسندي ڏسندي بدلجي رهيا هئا..... هن سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪئي. ڪجهه ياد ڪرڻ چاهيو.... بس هن کي ايترو ئي لڳو ته ڪڏهن ڪنهن جون اکيون هن کي پنهنجي اکين جهڙيون ٿي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳيون. ڪڏهن ڪنهن جو نڪ هن جي نڪ سان ملندڙ هو ۽ ڪڏهن هن جا چپ- "سمهي پيؤ سائين! وٺو پنهنجون تصويرون......."

فوٽو گرافر نہ ڄاڻ هڪ پيرو چيو هو يہ پيرا چيو يا ٽي پيرا، هن کي پوري خبر نہ هئي، پر ان آواز سان هو ڇرڪ ننڊ مان جاڳيو سنجي لفافو کڻي پهرين هڪ تصوير تڪڙ ۾ ڏٺي، وري ٻي، ٽين، چوٿين ۽ پنجين...... سڀ جون سڀ هڪ جهڙيون هيون ۽ سيني ۾ هڪ ئي چهرو هو، هن جو پنهنجو چهرو.......

سنجي پئسا ڏنا، تصويرون ورتيون، گهر پهچي جڏهن هڪ تصوير کي کهاٽيءَ واري لفافي ۾ بند ڪرڻ لڳو تہ هن کي پاڻ مرادو کل اچي وئي.

هيءَ تصوير ڇپبي تہ سيني کي هڪ ئي چهرو ڏسڻ ۾ ايندو، منهنجو، شري سنجي ڪمار جو.....

۽ لفافو بند ڪري هڪ پاسي رکندي سنجي جي وات مان نڪتو! "يار فرائڊ ڏس! تنهنجي ٿيوريءَ تي مون ڪيترو يقين ڪيو آهي جو اڄ منهن جي آڏو منهن جي نيگيٽوِ مان منهنجي پيءُ جي پيءُ جي پيءُ جو چهرو بہ نڪري آيو ۽ منهنجي ماءُ جي ماءُ جي ماءُ جو چهرو بہ.... هي تون ڪهڙي مصيبت ۾ وجهي ويو آهين، ماڻهن جي دل ۾ انهن جو (مان) ڪڏهن بہ بذاتِ خود آزاد نہ هوندو آهي، پورو نسل ان "مان" جي نقشن ۾ هلندو آهي...... انهيءَ سانچي ۾ پوندڙ.

سنجي ڪتابن جي ڪبٽ مان هڪ ڪتاب ڪڍي فرائڊ جا اهي جملا پڙهيا جن تي نشان لڳائي هُن انهن کي ڌار ڪيو هو. تصور انسان جي بغاوت جو سڀ کان وڏو ذريعو هوندو آهي. انهيءَ مان مصنف ان ڪردار کي نمايان ڪندو آهي. جيڪو بهادر هوندو آهي ٻين ڪردارن کي قتل ڪندو آهي ۽ "اسان" لفظ مان نڪري "مان" ٿيندو آهي....... قتل جي ذميداري "اسان" ۾ نہ ورهائيندو آهي پر "مان" ۾ ولندو آهي.......

سنجي ڪتاب کي بند ڪري ڪبٽ ۾ رکندي سوچيو: "منهنجي پيءُ کي صرف ٻہ ڪتاب پڙهڻ ايندا هئا. هڪ اهو جنهن ۾ گرو منتر لکي هُن کي هڪ ساڌوءَ ڏنو هو ۽ ٻيو ڪنڊي جو؛ جنهن ۾ هو پنهنجي قرضدارن جون رقمون لکندو هو...... اهي ٻئي ڪتاب هو مون کي ورثي ۾ ڏيڻ پيو گهري ۽



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجي ان عجيب طلب تي هن کي کل اچي وئي....... نہ پيئان تہ سچو ڏينهن سگريٽ نہ پيئان ۽ پيئڻ شروع ڪريان تہ هڪ ڪان پوءِ ٻيو ۽ پوءِ ٽيون ۽ پوءِ نہ ڄاڻ ڪيترا ئي سگريٽ هڪ ئي ٻيري ۾ ٻي ويندو آهيان.

خيالن جي طلب بہ شايد سگريٽن جي طلب جيان ئي ٿيندي آهي..... ڪيترائي ڀيرا ڪيترا ڏينهن ڪجهہ نہ لکي سگهبو آهي جهڙوڪر خيال کان خالي ٿي ويو آهيان. پر ڪڏهن هڪ ساهہ سان هڪ خيال ايندو آهي ۽ ٻئي ساهہ سان ٻيو اچي ويندو آهي، ٽئين ساهہ سان ٽيون..... ۽ خيال بہ ساهن جيان ايندا ويندا آهن......... سا هن جيان ئي گرم، ٿڌا، خشڪ ۽ پنهنجي ئي زبان سان آلا...... نہ....... سنجي پنهنجي جملي کي درست ڪيو. سگريٽ جي باهہ سان سڙيل ساهہ جيان...... وهسڪيءَ جي ڍڪ ۾ ڀنل ساهہ جيان......

۽ سنجي پنهنجي ئي هڪ خيال جي دهشت کان ڏکي ويو... نہ، قتل جي تازي رت مان اٿندڙ ٻوءِ جيان...... قتل؟ ڪنهن جو قتل؟ پنهنجو يا ڪنهن ٻئي جو؟ وري سنجي جو خيال سپرمين ڏانهن ڦريو. گڏوگڏ فرائڊ جي بيان ڏانهن تہ انسا جي تاريخ ۾ پهريون ماڻهو سپرمين هو. جنهن لاءِ صديون پوءِ نطشي، لکيو تہ هو دل جو مُکي هو، گروهہ جو سردار هو، ڌڻ جو ڌنار هو ۽ خاندان جو پيءُ هو پنهنجي پٽن ۽ پنهنجي زير دستن سڀني کي سندن ٻک مطابق نہ پر پنهنجي مرضيءَ مطابق ماني بہ ڏيندو هو، صورت بہ ۽ انهن جي "مان" بہ- اهو سپرمين جو قاتل نہ هو...... پهريون قاتل اهو شاعر هو جنهن پنهنجو "مان" جو سوال پنهنجي هٿ ۾ ورتو..... يا پهريون قاتل ڪنهن سپر مين جو پٽ هو، ڪنهن سپر مين جو شاگرد، ڪنهن سپر مين جو سپاهي......

سنجي جي ذهن ۾ انساني نسل جو عجيب نسب نامون اڀري آيو. سچ- پوڄاري ۽ چنڊ- پوڄاري نالن ۾ ماڻهن جي ذات کي ورهائڻ صرف هڪ حسين تصور آهي، اصل حقيت اها آهي تہ ماڻهوءَ جي ذات جن ٻن شاخن ۾ ورهايل هوندي آهي، اهي هوندا آهن قاتل پوڄاري ۽ مقتول پوڄاري- جيڪي وهم، طبقي جا هوندا آهن. پنهنجي ذاتيت کي وڃائي جيئڻ وارا، اهي مقتول پرست آهن...... قتل ٿي ويل ماڻهن جو نسل، ۽ جيڪي "مان" واري طبقي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جا هوندا آهن، اهي سپرمين جا پهرين قاتل پرست آهن، قاتل پرست.

۽ سنجي پنهنجي ئي خيال کان گهبرائجي پرتي ميز تي پيل قلم ڏانهن نهاريو. قلم يار! اها ڳالهه ڪٿي لکي نه ڇڏجانءِ ورنه هو سڀ جيڪي پاڻ کي سچ پرست ۽ چند پرست سمجهندا آهن، لٺيون ۽ ڏنڊا کڻي تنهنجي پويان پئجي ويندا...... ۽ تنهنجو هي ويچارو قلمڪار شري سنجي ڪمار پنهنجو نالو مصنفن جي ڳڻپ ۾ لکائڻ جي بدران شهيدن جي ڳڻپ ۾ لکيو ويندو.

اوچتو سنجي جي خيال هڪ نئون ڦيرو ڪاڌو. نه ڄاڻ دنيا ۾ پهريون شهيد ٿيڻ جو شوق ڪنهن کي جاڳيو هو؟ شايد هو به وچايل "مان"جي ڳولا ۾ هو. ۽ سنجي ان ڳالهه کي وڏي فيلسوفاڻي انداز ۾ سوچڻ لڳو. "مان" جي سڃاڻ عمل سان هوندي آهي رد عمل سان نه. شهيد ٿيڻ جي خواهش خودڪشي ڪرڻ جي برابر هوندي آهي..... قتل جي تمنا جو هڪ غائباڻو روپ، جنهن جو دليل نه هوندو آهي، دليل تلاش ڪرڻو پوندو آهي. ڪڏهن انسان پاڻ تلاش ڪندو آهي، نه ملندس ته جوڙي وٺندو آهي ۽ ڪڏهن انسان کي ٺهيل ٺڪيل دليل ڏنو ويندو آهي، هن جون اکيون بند ڪري هن جي هٿ ۾ ڏنو ويندو آهي. جنهن جي سهاري هو موت جو ڪفن پنهنجي مٿان پنهنجي ئي هٿن سان وجهي ڇڏيندو آهي. اهڙيءَ طرح ڪوئي هڪ ان خوني حادثي مان لنگهي ويندو آهي ته بيا ان هڪ جي نالي جو موت ڏسي گهبرائجي ويندا آهن ۽ چڱي ڀلي زندگيءَ جو مٿو موت جي درگاهه تي رکي ڇڏيندا آهن...... اها سڃاڻ هو عام موت مان ڳولي نه سگهندا آهن، صرف اهڙي موت مان ڳولي سگهندا آهن........ معنيٰ "نه" ئي مان........ تعريف مان..... نه ڄاڻ ڪيتريون صديون گذري ويون آهن ماڻهوءَ کي انهيءَ لفظ شهيد جي تعريف پنهنجي نالي سان ڳنڍيندي........ سچ پچ جيڪڏهن تاريخ جو جائزو ورتو وڃي ۽ سڀ تعريف جا جملا ملائي ڏنو وڃي، يعني دنيا ۾ ڪيترا ڪاريگر هجن ها، ڪيترا سائنسدان، ڪيترا فنڪار ۽ ڪيترا شهيد ته سڀ کان وڌيڪ تعداد شهيدن جو ملندو. يعني ان تعريف جي عاشقن جو........

خيالن ۾ ٻڏل سنجي جو هٿ لاشعوري طور تي هن جي ميز جي خاني ڏانهن ويو ۽ خاني مان هڪ خط ڪڍي هن ميز تي رکيو..... سنجي جي نظر



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط تي پئي تہ هن کي پنهنجو پاڻ تي کل اچي وئي- يار سنجي! تون بہ عجيب آهين، تنهن جو خيال ڪتان شروع ٿيو هو ۽ ڪٿي پهچي ويو آهي. ڳالهہ تہ هن خط جي هئي، خط لکڻ واري ڇوڪريءَ جي، جيڪا اجايو سجايو محبت جي درگاهہ تي شهيد ٿيڻ تي ڳري.......

سنجي کي پنهنجي ياد ۾ ڪو ڪلي پڻ جو احساس ٿيو. ڇا نالو آهي هن جو؟ خط جي ڳالهہ ياد بيهي وئي، پر خط لکڻ واريءَ جو نالو وسري ويو...... ۽ هن خط کولي ان جون آخري سٽون پڙهيون. جن جي هيٺان هن جو نالو لکيل هو- مينڪا.....

سنجي کي کل اچي وئي.ڏس اپسرا! مون ڪان تنهنجو نالو ئي وسري ويو...... جيڪڏهن مان رشي بہ هجان ها، تڏهن بہ مون کي تنهنجو نالو ياد رهي ها. اسان جي تہ پوري تاريخ انهن ڳالهين سان ڀري پئي آهي تہ ڪنهن اپسرا ڪهڙي رشيءَ جي سماڌي ڀڳي...... مان شايد انهن ڪان بہ ويل آهيان...... اهو منهنجو ضد جيڪڏهن رڳو عبادت ۽ رياضت هجي ها تہ شايد ڀڄي ئي پوي ها...... هي نہ ڄاڻ ڇاهي جو مينڪا جي ڪنهن ڳالهہ تي بہ اکيون کولي ان ڏانهن ڏسان بہ نہ ٿو.......

سنجي جو ڏيان رشين ۽ اپسرائن ڪان ڦري وري اتي آيو جتان ڪوئي شهيد ٿيڻ وارين اکين سان ڪنهن کي ڏسندو آهي..... ۽ سنجي خط ڏانهن ڏسندي چوڻ لڳو........ يار مينڪا! تون ڇڱي ڀلي پرٽيل ڇوڪري آهين پئسن ۽ عزت ۾ ڪيڏي رهي آهين...... هي توکي شهيد ٿيڻ جو ڪهڙو شوق جاڳيو.......

سنجي وري خط کي ان ئي طرح خاني ۾ رکي ڇڏيو، پر هن جي سوچ جو ڍنگ وري فيلسوفاڻو ٿي ويو. سڀ ڪان وڌيڪ ماڻهو ڪهڙي درگاهہ تي شهيد ٿيندا آهن؟ ڪنهن جي نالي تي؟ محبت جي نالي تي؟.....

محبت جي نانءَ تي؟ نہ، شايد ڪنهن ايمان، مت يا وطن جي نالي تي..،. نہ نہ سڀ ڪان وڌيڪ ماڻهو مذهب جي نالي تي قتل ٿيندا آهن......

سنجي انسائيڪلو پيڊيا ڪڍي مذهب جي نالي تي شهيد ٿيندڙن جي ڳڻپ جي ڪجهہ معلومات حاصل ڪرڻ لڳو هو تہ اوچتو ڪمري جو دروازو کڙڪيو. خيال آيس شايد ٽپالي هجي. اٿي دروازو کوليائين تہ سامهون اها ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خط لکڻ واري ڇوڪري مينڪا بيٺي هئي.

"اندر اچان؟"

"ها..... ها....."

"مون کي ڏسي ڪجهہ حيران ٿيو آهين؟"

"نہ...... مون سجهيو ٿي تہ شايد ٽپالي آهي......"

"ها، ٽپالي ٿي تہ آهي، پر اهو ٽپالي جيڪو خط بہ پاڻ ٿو لکي، ۽ ڏيڻ بہ پاڻ ٿي اچي ويندو آهي....."

ڪمري ۾ اچي مينڪا، هٿ واري پرس ڪرسيءَ تي رکي ۽ پاڻ بستري تي ويهي رهي ۽ پڇڻ لڳي:

"ڇا ڪري رهيو هئين؟"

"تنهنجي باري ۾ ٿي سوچي رهيو هوس."

سنجي کلي وراڻيو.

"منهنجي قسمت!" مينڪا کلي پئي، گڏوگڏ پڇيائين:

"منهنجو خط ملي ويئہ؟"

"ها."

"جواب نہ ڏنئہ؟"

"هاڻ انسائيڪلوپيڊيا ڪيڏي جواب ٿي ڳولي رهيو هوس....."

مينڪا ڪجهہ دير تہ سنجي ڏي ماٺ ميٺ ۾ ڏسندي رهي، پوءِ چوڻ لڳي: "سائينءَ جن ڪهاڻيون بہ انسائيڪلوپيڊيا ڏسي لکندا آهن.؟"

سنجي کلي پيو: "مان تاريخي ڪهاڻيون نہ لکندو آهيان. نہ تہ اهي بہ انسائيڪلو پيڊيا ۾ ڏسي لکيون پون ها."

"تہ ڇا خط جو ڪوئي تاريخي جواب ڏيڻو هو؟"

"اپسرا جي! تاريخي خط جو جواب بيو ڪتان ڳوليان ها؟"

مينڪا جي ننڍن وارن جي هڪ ڇڳ دائرو ٺاهي نرڙ تي جَهمَرَ جيان پئي هئي. سنجي، اهو جَهمَرَ هٿ جي آڱر سان پري ڪيو. پر وري آڱر سان اتي ئي آتي نرڙ تي رکي کلڻ لڳو......

"ڇا ٿي ڏنئہ؟"

"اپسرا جو روپ.......!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوءِ رک ۾ ڪوئي فرق پيو؟“
”نہ...... ڇو جو مان رشي نہ آهيان......“
”يو آر اي ويري ڪروول پرسن؟“
(تون مڪار شخص آهين؟)
”نہ مان نيپولين بہ نہ آهيان.....“
”ڇا مطلب؟“
”ها، سچ، يار مينڪا! تو تہ مونکي پنهنجو نئون نالو ٻڌايو ئي ڪونہ....“
”ها..... مان ٻڌايانءِ؟“
”ڇا؟“
”ماريا......“
هڪ پل اڳ مينڪا جو چهرو لهي ويو هو. نئين نالي سان هُن جو ڌيان مسز چوڌري نانءِ ڏانهن هليو ويو، جيڪو ڪافي ڏينهن ٿيا هن جي چپن جي ڇهاءَ کي قبول ڪندي سنجي، ڪجهہ دير کان پوءِ ئي ڪيس ان نالي سان سڏيو هو...... ۽ مينڪا جو خيال هو تہ اڃان بہ سنجي طعني سان انهيءَ نالي کي ورجائي رهيو آهي. پر هن جي واتان ماريا نالو ٻڌي هوءَ کُلي پئي ۽ کلندي چوڻ لڳي:
”سمجهي ويس. سائينءَ جن ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ منهن جو نالو ماريا رکيو هوندو.“
”نہ سهڻي! مون توتي ڪابہ ڪهاڻي نہ لکي آهي.....“
سنجي جو چهرو اڃان بہ سنجيدو ٿي ويو.
”پوءِ سائين منهنجو هي نالو ڇو رکيو اٿوَ؟“
”مون نہ رکيو آهي. مينڪا رکيو آهي. شايد سوچيو هوندائين تہ اپسرا ٿيڻ سان ڪجهہ نہ ٿو ٿئي.“
”انڪاري ٿيڻ گهرجي.....“
”سمجهي ويس.....“
”سچ......!“
”اهو ميٺو پوندو تہ سائينءَ جن قيامت جهڙي نظر رکن ٿا.“ سچ پچ مان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلنڊي سنجي جي قميص جا سڀ بٽڻ ڪولي ڇڏيائين.

هڪ هڪ ڪري لٽل ڪپڙا جڏهن فرش تي بيڪار هٿيارن جيان ڪري پيا ته سنجي پنهنجو بدن مينڪا جي حوالي ڪري ڇڏيو. پر دل ۾ عجيب خيال آيس: "ڇا بدن به ڪپڙن جهڙو هٿيار هوندو آهي، جيڪو جسم تان لاهي ڇهري جي آڏو رکيو ويندو آهي؟" پر هن مينڪا کي ڪجهه نه چيو.

خيال رڳن ۾ هلندڙ رت جيان هلندو رهيو، خوشيءَ جي زندگي هڪ پل هجي، مان ان جي حوالي ٿيڻ چاهيان ٿو.... پر جيڪو ٿيو سو ٿي ويو. اهو صرف هٿيار آهي... مان ناهيان....

اهو شايد مينڪا جي جسم مان گذرندڙ پل هو. جو سنجي هن جي ڪنهن تهه جي غار ۾ لهي ويو. اتي غار ۾ هڪ طرف ڪافڪا ويٺو هو ۽ ڪافڪا جي محبوبه.چوڪري بلبن.... ٻئي چهرا ڪافي سڃاتل هئا. ڪافڪا جو بيمار ڦڦڙن جي ڪري پيلو پر مطمئن چهرو ۽ بلبن جو پنهنجي ننڍي عمر جي تپش ۾ گهٽتائي جي ڪري ڪيل شاديءَ کان، اداس ۽ دکي چهرو.... پنهي جو هڪ ٻئي جي چهري جي روشنيءَ ۾ زندگيءَ جي لاءِ سڪندڙ ۽ تڙپندڙ چهرو....

سنجي اکيون کپائي ٻنهي کي ڏسندو رهيو. پوءِ ڪنن ۾ ڪافڪا جو آواز آيو، هُو بلبن کي چئي رهيو هو: "توکي پيار ڪندو آهيان، پاڳل چوڪري! جهڙيءَ طرح سمنڊ پنهنجي ڇاتيءَ جي گهرائيءَ ۾ پيل پٿر جي ٽڪري کي پيار ڪندو آهي، پنهنجي اندر ۾ ڪٺي.... ۽ خدا ڪري مان ايئن تنهنجي سمنڊ ۾ پيل پٿر جو هڪ ٽڪرو ٿي وڃان....."

ڪافڪا جا لفظ سنجي جي ڪنن ۾ پيا ته ڪن انهن لفظن سان پُر ٿي ويس. ايترا جو ڪنهن ٻئي آواز جي ڪنن ۾ سمائجڻ جي جڳهه نه رهي... پوءِ ڪافي دير کان پوءِ هن جي ڪلهن کي لوڏيندي ۽ ڪڇيءَ جي پرمان سَرڪندو هڪ آواز هن جي ڪنن سان ٽڪرايو.

"سائين جن سمهي پيا ڇا...؟"

سنجي ڇرڪي سامهون نهاريو.... نه اتي ڪافڪا هو نه بلبن، اتي صرف هو پاڻ هو ۽ هن جي آڏو مينڪا....

ڇپن مان هڪ اونهون ساهه نڪتس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مينڪا فرش تان کڻي هڪ ڪپڙي سان پنهنجي جسم کي ڍڪيو ۽ سنجي جي قميص سنجي کي ڏيندي چوڻ لڳي:

"ولو سائين! پنهنجا هٿيار سنڀاليو."

سنجي بہ پنهنجو بدن ڪريل هٿيار جيان بستري تان کنيو ۽ ڪلي پيو.

مينڪا بلاؤز جي هُڪس کي بند ڪندي سنجي ڏانهن ڏسڻ لڳي. پوءِ چيائين: "ڪيئن درياءَ! ڪنهن اجاري هڪ ڍڪ پيري ورتو تہ توهان جو ڪجهہ گهٽيو تہ نہ؟"

سنجي سڪل چپن تي زبان ڦيري ۽ هڪ ڳالهہ هن جي چپن تي اچي بيهي رهي. "درياءَ کي بہ اُڃ لڳندي آهي. پر ڪوبہ اها ڳالهہ درياءَ کان نہ پڇندو آهي......"

مينڪا، ساڙهيءَ کي پنهنجي چوڏاري ويڙهيندي هٿن ڀانهون سنجي جي ڳچيءَ ۾ وجهي چڏيون ۽ پڇيائين:"اچوڪو ڏينهن ڪيئن لڳو؟"

"اچوڪو ڏينهن؟" سنجي جا چپ ڪجهہ سڪا شايد ڪنهن شرم کان پر وري ان ڪيفيت کي اڪاري ويو. هن چيو: "اچوڪو ڏينهن تنهنجي نانءِ..."

"اِن ڊفينس آف مينڪا...." (مينڪا جي بچاءَ ۾.)

مينڪا ننڍي شيشي جي اڱيان وارن کي سنواريندي چيو: "مسٽر چوڌري ٽوئر تي ويجي رهيو آهي. پَرينءَ مان گهر ۾ هيڪلي هوندس. اتي پرينءَ رات."

سنجي ڪلڻ لڳو.

"چو؟" مينڪا بس ايترو ئي چيو تہ سنجي ڳالهائڻ شروع ڪيو.

"پرينءَ؟ نہ.... اِن ڊفينس آف سنجي...." مينڪا ڪجهہ نہ چيو. شايد سوچيائين تہ پرينءَ هُوءَ پاڻ اچي ويندي ۽ سنجي کي وٺي ويندي. ان مهل هُو ڪجهہ نہ چوندو. جيئن اڄ هن ڪجهہ نہ چيو.

"چانهہ پيئنديئن؟" مينڪا وڃڻ لڳي تہ سنجي پڇيو.

"چانهہ؟ پر هتي چانهہ ڪير ٺاهيندو؟"

"اسٽوو پيو آهي. مان ٺاهي ونندس......."

مينڪا چانهہ نہ پيتي، ڪلندي هلي وئي، هن جي وڃڻ کانپوءِ سنجي اسٽوو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پاريو، چانهہ جي پيالي ناهي، ۽ تڏن چپن سان ڏک پريندي چوڻ لڳو: "يار ڪافڪا! تون ڄاڻين ٿو تہ هڪ درياءَ ڪي جيڪا اڃ لڳندي آهي اها ٻئي درياءَ جي لاءِ هوندي آهي. رستي ويندڙن سان ڇا ٿيندو.... جيسين درياءَ کي درياءَ نہ ملي.... من جي هڪ تمام وڏي لهر آئي ۽ سنجي جا پير ان لهر سان نڪري ويا. هو سڄي جو سڄو من جي پاڻيءَ جي حوالي ٿي ويو.....

نہ ڄاڻ ڪيترو وقت گذري ويو. پوءِ. هن کي ٻانهن ڪان ونئي پاڻيءَ مان ڪيندو هڪ آواز آيو: تو مون کي سڃاتو ناهي؟ مان بلبن آهيان. تنهن جي ڪافڪا کي پيار ڪرڻ واري.... توکي ٻڌائڻ ٿي گهران تہ جيڪڏهن توکي جيئڻو آهي تہ ڪافڪا نہ ٿجانءِ. هُن ۾ سڀ ڪجهہ هو، صرف اهو نہ هو جيڪو جيئڻ لاءِ گهرجي... تون نٿو ڄاڻين تہ اهو ڇا هوندو آهي جيڪو جيئڻ لاءِ گهرجي؟ هڪ اوٽ، هڪ سهارو. ڇاجو؟ هڪ ڀڪاءَ جو، فريب جهڙو... يا امنگ جي تمنا جو يا ڪنهن يقين جو.... ۽ پل تہ اهو سهارو صرف ڪنهن حسرت جو ئي هجي.... اسان سڀ، ڪنهن نہ ڪنهن سهاري تي جيئندا آهيون. صرف ڪافڪا هو جنهن ڪنهن بہ شيءِ جو سهارو نہ ورتو هو.... ان لاءِ هو مري ويو. سچ پچ هُو جي نہ ٿي سگهيو.... توکي جيئڻو آهي تہ تون ڪافڪا ٿي نہ ٿو سگهين.... نہ ٿجانءِ!"

سڄو ڏينهن سنجي دل جي عجيب ڪيفيت ڏٺي، بستري تي ليٽندي ڪڏهن هڪ ڪتاب پڙهندو رهيو، ڪڏهن پيو، ڪڏهن ٽيون.... اهڙيءَ طرح جو ڪتابن جي ڪبٽن مان هڪ هڪ ڪري سڀ ڪتاب بستري جي آس پاس وڪري ويا.....

۽ ٽئين ڏينهن جڏهن مينڪا آئي. هن مينڪا کي ڪمري ۾ اچڻ جي لاءِ نہ چيو، پاڻ اتي دروازي وٽ وچي چيائين: "نہ.... نہ هلي سگهندس."

مينڪا هڪ ڀيرو سنجي جي ٻانهن تي هٿ رکندي هٿ جو پورو جادو ڪرڻ چاهيو. پر هن کي پاڻ ئي لڳو ڄڻ هن ماس جي ٻانهن تي نہ پر ديوار جي ڪنهن حصي تي هٿ رکيو هجي. ۽ ديوار ايئن ئي سخت ۽ بيٺل هئي...

مينڪا هلي وئي تہ بستري ڏانهن موٽندي سنجي جي وات مان نڪتو: "افسوس بلبن! مون تنهنجو چيو نہ مڃيو.... شايد ڪائي اوٽ، ڪوئي سهارو مون لاءِ نہ ٻڌيو."..... ۽ هو پاڻ ئي کلي پيو ۽ چوڻ لڳو: يار سنجي!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي بہ سڄي عمر پنهنجي ڇانءَ ۾ ويهٺو آهي ۽ پنهنجي اُس ۾ بيهٺو آهي.....

پنهنجي ان تقدير جي جهلڪ سنجي جي ذهن ۾ اڀري تہ پل کن جي لاءِ هُو پٿر جي مورتيءَ جيان ٿي ويو. وري هوا جي هڪ جهوتي جيان کلندي چوڻ لڳو: "يار سنجي! ايئن پٿر ٿي ويندين تہ تنهنجي پوڄا ڪرڻي پوندي." گڏوگڏ هڪ دونهين جيان هن جي دل مان نڪتو. جڏهن ڪيترائي سال اڳ هن پنهنجي پيءُ جي ڪوٺڙيءَ ۾ وڃي ڪنهن ديوتا جي مورتيءَ جي اڳيان ڏوپَ جي جاءِ تي دکندڙ سگريٽ رکي ڇڏيو هو. چوڻ لڳو: سنجي يار! جڏهن تون پٿر ٿي ويو آهين تہ پوءِ مان پوڄا شروع ٿو ڪريان ۽ هن هڪ نئون سگريٽ دکايو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

سنجي ڪونڙيءَ مان سائيڪل ڪڍي هئي. پر اجان ٻاهر نہ آيو هو تہ سامهون هن ڪي اي. سي. مهرا ايندي ڏسڻ ۾ آيو. پيڊل تي رکڻ لاءِ کڄيل پير سنجي، جهلي ورتو.

"مان سائين جن کي ڳوليندو اچي رهيو آهيان ۽ سائين جن ڪنهن کي ڳولڻ لاءِ وڃي رهيا آهن؟" مهرا، ويجهو اچي چيو ۽ سائيڪل جي هينڊل تي هٿ رکي ڇڏيو.

سنجي مرڪي پيو. "مانيءَ جي ڳولا لاءِ وڃي رهيو هوس، هوٽل تي...."

"هل سائيڪل رک... اڄ تہ ڪمري ۾ هلون."

"پر ڪاڏو؟"

"مان ڪمري ۾ ڇٽيهن قسمن جو ڪاڏو وجهي رکندس." مهرا ڪلڻ لڳو.

سنجي، مهرا جي خالي هٿن ڏانهن ڏٺو ۽ چيو ڪجهہ بہ نہ.

مهرا، سنجي جي نرڙ کي هڪ آڱر سان ڇهيو ۽ چيائين: "دماغ ۾ جيتري بک اٿئي، سڀ لاهي ڇڏيندوسانءِ."

سنجي کلندي چيو: "تون ماڻهو آهين يا هوٽل؟"

"هل پنهنجي ڪمري ۾ هل، پوءِ مان ٻڌائيندس تہ منهنجي هوٽل ۾ کهڙا لذيذ ڪاڏا رڌل آهن."

سنجي پوئتي ڦري سائيڪل ڪونڙيءَ ۾ رکي ۽ پنهنجي ڪمري ڏانهن هلندي چوڻ لڳو: "تہ اڄ تندوري مانين جي بجاءِ خيالي پلاءُ کاڌو آهي."

مهرا ڪمري ۾ اچي کٽ تي ويهندي چيو:

"خيالي پلاءُ تہ سائينءَ جن پچائيندا آهن ناولن ۽ کهاڻين ۾ ڪنهن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڪريءَ کي اڄ تائين هٿ لڳائي ڏنو نہ اٿئين.... ۽ سائين جن ڪهاڻيون تا لکن عشق جون."

مهرا ويهڻ سان ئي جوش مان بستري تي مڪ وهائي ڪڍي، تہ بستري تان هلڪي دز اڏامي وري بستري ۾ سمائجي وئي.

"ڪهڙو حال ڪيو اٿئي ڪمري جو؟"

"هو جيڪو ڇوڪرو ايندو هو، آيو ئي ناهي ٻن ڏينهن کان شايد بيمار آهي."

"ڪير؟ پنگيءَ جو پٽ؟ پر توهان جي عمارت جي پنگياڻي تہ ٻاهر دروازي تي هاڻ هاڻ ٻهاري ڏئي رهي آهي."

سنجي کلي ڏنو. "پر منهنجي ڪمري ۾ صرف هن جو ڇوڪرو اچي سگهي ٿو، هوءَ نہ، ڇگو اٿي تہ مان ئي بستري جي چادر ڇنڊي وٺان."

مهرا ٽهڪ ڏنو. "سمجهي ويس، پنگياڻيءَ سائين جن جي نظر سجاڻي ورتي هوندي. ان ڪري ڊڄي وئي هوندي."

"نہ، ڊنل تہ اڳ ئي هئي، ڪيس ڪوئي مهرا مليو هوندو. انڪري ويچاري سنجي کان بہ ڊڄڻ لڳي." سنجي چيو ۽ سگريٽن جو پاڪيٽ مهرا ڏانهن وڌايائين.

مهرا هڪ سگريٽ دکايو ۽ چوڻ لڳو: "بس خالي چپ ئي ڦوڪٽا آهن؟ سڪل نڙيءَ لاءِ ڪجهہ نہ ملندو؟"

"چانهن ناهيان؟"

"نہ، اڄ چانهہ نہ پيئبي، پر جشن جو اقرار ڪبو. ڇگو اهو ٻڌاءِ ادب ۾ ڪيتريون پسندون هونديون آهن؟"

"پسندون؟"

"منهنجو مطلب رجحانن لاءِ هو. جيئن رومانيت پسند، روحانيت پسند وغيره وغيره..."

"انسائيڪلوپيڊيا کوليان؟"

"نہ.... تنهنجي انسائيڪلو پيڊيا جو رعب نہ هلندو."

"تہ پوءِ ڇا هلندو؟"

"هڪ نئين پسند هلندي... يار، تنهنجي لاءِ هڪ نئين پسند هلائي ڇڏبي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"مون لاءِ؟"

"ها.... مان هلائيندس."

سنجي هڪ نگاهه مهرا تي وڌي پر چيو ڪجهه به نه.

"اهو ته پڇ مان ڪهڙي پسند هلائيندس."

"تون سڀ ڪجهه هلائي تو سگهين. صرف بينل وقت نه تو هلائي سگهين....."

"جيڪڏهن بيئل وقت ڪي به هلائي ڇڏيان؟"

"هر گهڙيءَ جي سٺي ڀانهون ڇهندي آهي پر وقت ڪي نه تي هلائي سگهي."

"فلاسفر صاحب! آسمان کان تورو هيٺ لهه. هيٺ ته ڏس مان ڇاتو هلايان."

مهرا کيسي مان هڪ ڪاغذ ڪڍيو ۽ سنجي جي آڏو رکيو.

"ڏسو سائين!"

"ها! ووٽر صاحب! ڏسي ورتم."

"هي اڪيڊمي ايوارڊ جو فارم آهي."

"ها. ڏٺم."

"جيڪڏهن مان سائين جن جو نالو هن تي لکي ڇڏيان؟"

"ڳالهه ته ادب ۾ پسند جي هئي... اِن سان ڪهڙو رجحان هلندو."

"انتظاميا."

"سمجهي ويس."

"نه سمجهيهءِ.... مان اڪيلو تنهن جو نالو لڪائي به ڇڏيان ته ڪم نه ٿيندو."

"پوءِ..."

"پر ايتري تڪليف مون لاءِ ڇو؟"

"يار تون سمجهين ڇو نٿو؟ جيڪڏهن مون به ڪوئي ناول ڀاول لکيو هجي ها ته پنهنجي لاءِ ڪريان ها."

"پوءِ تنهنجي انتظاميا لاڙي ڪان اڳ..."

"تنهن جو مطلب آهي، ناول لکان؟"

"ها انتظامي لاڙي ڪان اڳ قلمي لاڙو..."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڇگو يار! تنهنجي ٿي ڳالهہ قائم رهي. ائين ٿي ڇڏ. پر هي تہ ڏس، اسان کي آسمان ۾ چار وجهي هما جهلڻو پوندو."

"هما....؟"

"چوندا آهن هما پکي جنهن جي مٿي تي اچي ويهندو آهي، اهو بادشاهہ بڻجي ويندو آهي. اسانکي تولاءِ هما جهلي اچڻو پوندو."

"۽ مان؟"

"شهرت بہ تہ بادشاهي هوندي آهي. توکي ملي ويندي."

"پر هما جو ڇا ٿيندو؟ چار ۾ ان جا ٻہ چار کنڀ تہ پڇي پوندا.... پوءِ مان ان جا ڳچل پَرَ ڏسندس ۽ هو منهنجي منهن ڏانهن ڏسندو جيڪو هڪ پورٽريٽ مان هڪ ڪولاج بڻجي ويو هوندو."

مهرا، پنهنجي هٿ وارو ڪاغذ ويڙهي پنهنجي کيسي ۾ رکي ڇڏيو. ۽ بستري تان اٿندي چوڻ لڳو: "ڇگو سائين سنجي ڪمار! پوءِ پنهنجو پورٽريٽ نهراءِ ۽ ڪمري ۾ لڙڪائي ڇڏ. هو پنگيءَ جو پٽ، جڏهن ميز بسترو صاف ڪندو تنهن جي تصوير بہ ڇنڊي ڇڏيندو."

سنجي کلي ڏنو. "يار عطر چند! تون تہ ڪاوڙجي وئين، تصوير تہ مان پاڻ ڇنڊي ڇڏيندس پر تون ڏسڻ تہ ايندين نہ."

مهرا جو چهرو عطر چند جي نالي تي ٿامڻي هٽي ويو، اهو هن جي ٿورن ٿي سيڄاڻڻ وارن کي ايندو هو. جڏهن هو ڪجهہ لکڻ جي ڪوشش ڪندو هو تڏهن ڪان هن کي پنهنجو نالو عطر چند بلڪل نہ وڻندو هو، انڪري هو عطرچند جي بدران اي. سي لکڻ لڳو هو.

سنجي عطر چند جي چهري کي ڏٺو، گهڙي کن ماٺ رهيو، پوءِ سندس چهري جي غصي کي مرڪڻ ۾ بدلائيندي چوڻ لڳو: "جڏهن ڪوئي باز لامارو هڻندي ڏسڻ ۾ ايندو آهي، تہ ننڍا ننڍا پکي، جهرڪين ۽ ڳيرن جهڙا، ان کان بچڻ چاهيندا آهن، جنهن بہ پکيءَ کي پهرين ڏيکاري ڏيندو آهي اهو ساٿين کي هوشيار ڪرڻ لاءِ ڪُوڪُو ڪندو آهي، هونءَ تہ وڏيڪ خطرو ان کي هوندو، جيڪو وات مان آواز ڪڍندو آهي، اهو هي بہ سوچي سگهندو آهي تہ سندس ماٺ رهڻ سان اهو خطرو کيس نہ ٿيندو، ٻين کي ٿيندو، پر هُو ٻين جي لاءِ ڳالهائيندو آهي.... مان سچ پچ ان ڪري چوان ٿو. هوا ۾



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڏامندڙ اهي پئسا يا شهرت جا باز اسان جي مٿان لامارا ڏيڻ لاءِ هوندا آهن."

مهرا هوريان مرڪي سنجي ڏانهن ڏٺو. پر چيائين ڪجهه به نه. وري به سنجي ئي چيو: "وري خطري جي ويل ڪنهن شخص کي خطري جو صحيح احساس ڏيارڻ جي لاءِ ڪيترائي پيرا چرڪائڻو به پوندو آهي. مون توکي اي. سيءَ جي بدران انهيءَ ڪري عطر چند چيو هو. پر اها ناراض ٿيڻ جي ڳالهه ناهي. منهنجي پيار جو دڙڪو آهي. مان نه ٿو چاهيان ته تون اهڙن ڪمن ۾ پنهنجو پاڻ کي وڃائين."

مهرا جو منهن مايوس ٿي ويو. نه ڄاڻ پنهنجو پاڻ کان مايوس يا سنجي کان مايوس... پوءِ هو ماٺ ميٺ ۾ روانو ٿي ويو.

ڪمري ۾ هلڪي ڏوڙ ضرور هئي، پر پنهنجي جاءِ تي ويٺل ... اوچتو سنجي کي محسوس ٿيو ته اها دز پنهنجي جاءِ تان اٿي سڄي هوا ۾ وکري وئي آهي.

سنجي جي وات مان نڪتو: يار سنجي أپَ تي هيءَ کهڙي قسم جي دزا اڏامي رهي آهي. جو هوا ۾ اڏامندڙ باز به سيني کي هما ٿو ڏسڻ ۾ اچي ۽ سڀ ڪيس جهلي پنهنجي مٿي تي ويهارڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن نتا ڪري سگهن ته ٻئي ڪنهن جي مٿي تي ويهارڻ لاءِ سودو ڪري رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پائجامو جيڪو سڄي ڏينهن جي اس ۽ مٽيءَ سان پريل هو. هڪ عجيب قسم جي شرمندگي هن جي بدن سان چهٽيل هئي ۽ پيرن ۾ ڳاڙهي ميري مٽيءَ هاٿي بوٽ ۾ به هڪ حليمي هئس. هڪ ڊپ هوس ۽ هُو ڊڄي ڊڄي ڪمري جي فراس ڪي ڏسي رهيو هئو.

”توهين آهيو نه سنجي ڪمار، جنهن هُو ڪتاب لکيو آهي؟“ اجنبي اندر ايندي ئي پڇيو

”جي ها.....“

”بس سائين، منهنجي من اوهان کي ڏسڻ تي گهريو.“ سنجي اجنبيءَ کي ويهڻ لاءِ چيو. پنهنجي ڪنهن پڙهندڙ جو اهڙو روپ هن جي تصور ۾ به نه هو. ان ڪري پڇيائين: ”اوهان کي پسند آيو مون کي خوشي ٿي، پر اوهان کي ڏکيو نه لڳو؟“

سنجي چئي ته ڏنو پر پنهنجو اهو جملو، هن کي نه وڻيو. سو چيائين، ڪيس ڪنهن جي جاڻ تي شڪ ڪرڻ جو ڪهڙو حق آهي. پر ٻڌڻ واري ٻڌو ۽ کلي چيائين: ”نه سائين، مون ته اهو ٻين کي به پڙهي ٻڌايو آهي. اسان ڪوئي ڏهن ڄڻن گڏجي پڙهيو آهي. پر هڪ ڳالهه ضرور آهي، اهو هل هنگامي ۾ پڙهڻ جهڙو ڪتاب ناهي. انڪي ته ماڻهو هيڪلو ويهي پڙهي ۽ اهو به هڪ مَنو ٿي. وچ ۾ هن کي ڪوبه سڏي يا رڙيون به نه ڪري....“

سنجي کي اها دل من لائي پڙهڻ واري، سادي سودي زبان ۾ چيل ڳالهه ڏاڍي وڻي ۽ هن پهريون ڀيرو اجنبيءَ کي عزت جي نگاهه سان ڏٺو.

”سائين مون کي شهر اچڻو هو، آفريقا جي ٽڪٽ نهرائڻ جي لاءِ...“

”اوهين آفريقا وڃي رهيا آهيو؟“

”منهنجو چاچو اتي رهندو آهي، هڪ موقعو نڪري آيو آهي وڃڻ لاءِ جو ڀيڻ جي شادي آهي. اتي چاچي جي ڏيءَ جي ..... چون ٿا .... ڇوڪرا هليو اچ. ٻه چار مهينا هيءَ دنيا به ڏسي وٺ.“

سنجي کي ان ماڻهوءَ جي سادگي وڻي ٿي. ڪجهه چوڻ بنا، هُو هَن جي ڳالهه ڏيان سان ٻڌندو رهيو. هُو چئي رهيو هو: ”سو مون ڪتاب تي ڇاپڻ واري جو نالو پڙهي، ان کي خط لکيو هو ۽ اوهان جو ڏس پتو پڇي ورتو هو.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اوهان ڳوٺ ۾ ڇا ڪندا آهيو؟"

"بس سائين! آهيون."

سنجي ڪجهہ حيران ٿيو، پر من دلچسپي وٺندي پڇيس: "اتي ڪجهہ زمين هوندوَ؟ پوکي راهي ڪرڻ بہ وڏو ڪم آهي."

"اهو تہ سائين نيڪ آهي، پئسو ڏوکڙ ڪافي آهي گذاري لاءِ... پر سچ پڇو تہ اسان صرف زندگي ٿا گذاريون. اسان بہ چار ماڻهو آهيون جن ۾ ڪجهہ ذوق آهي... لڪ چوريءَ ڪڏهن شهرن جو چڪر هڻي وٺندا آهيون. ڪوئي سٺو ڪتاب ملي ويندو آهي تہ اهو بہ لڪ چوريءَ وٺي ويندا آهيون."

سنجي کي من جي سٺي ذوق وارن ماڻهن واري ڳالهہ لڳي. پر شهر اچي ۽ ڪجهہ ڪرڻ ڪانسواءِ لڪ چوريءَ ڪتاب خريد ڪرڻ واري ڳالهہ عجيب لڳي. پڇيائين: "ڇا ڪتاب خريد ڪرڻ ۽ پڙهڻ لاءِ بہ چوريءَ جي ضرورت پوندي آهي؟"

من ڪلي ڏنو. هاڻ شايد سنجي سان ڳالهائيندي ڪجهہ ملي جلي ويو هو. من ۾ پهرين جهڙي، اجنبيت نہ رهي هئي. چوڻ لڳو: "اسان هڪ خاص فرقي جا ماڻهو آهيون، هڪ مذهبي جماعت ٺي ڪٺي چئو، اسان جي گروءَ جي گاديءَ تي اڄڪلهہ جيڪو گرو آهي، ان جو حڪم آهي تہ جيڪي ڪتاب هُو اسان کي پڙهڻ لاءِ ڏئي، بس اسان اهي ئي پڙهون. هُو اسان کي ٻيا ڪتاب پڙهڻ نہ ڏيندو آهي. سوچيندو هوندو تہ جيڪڏهن هنن ماڻهن کي عقل اچي ويو تہ پوءِ سندس حڪم ڪير مڃيندو."

سنجي حيرانگيءَ مان ڳوٺ کان آيل ان ماڻهوءَ کي ڏٺو. فرائڊ جي تعليم ۽ سماج وادي واري تجزئي کي ڪڏهن بہ ڪنهن ايترو آسان ۽ سادن لفظن ۾ بيان نہ ڪيو هوندو.

"ڪيئن سائين مان غلط ٿو چوان؟" سنجي کي ماٺ ڏسي من پڇيو.

"نہ، مان سوچي رهيو هوس تہ جيڪڏهن اوهان ايئن سوچيو ٿا تہ ان خاص فرقي يا جماعت کي ڇڏي ڇونہ ٿا ڏيو؟"

"اسان ابي ڏاڏي جي وقت کان انهيءَ فرقي ۾ آهيون، ڳالهہ اها آهي تہ ان فرقي جو باني تہ سچو انقلابي هو ان وقت جيڪي سندس ساٿي هئا اهي بہ صدق ۽ خلوص وارا هئا، انهن تہ انگريزي نظام سان جنگ بہ ڪئي هئي...



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجي کي محسوس ٿيو تہ هن هڪ نئين حقيقت ڏٺي آهي. اهو ڳوناٺو ٻڌائي رهيو هو: ”۽ سائين، جيڪو مٿيون آفيسر هوندو آهي، ماڻهن جي اڳيان تہ هو گروءَ کي هٿ ٻڌندو آهي، پر ماڻهن کان چوريءَ گرو وچي سندس آڏو هٿ ٻڌندو آهي.“

”سچ!“

”سائين ڪيڏو ظلم آهي! هو جيڪو پهريون گرو هو، اهو تہ حڪومت سان وڙهندو هو ۽ هي جيڪو گادي نشين آهي، حڪومتن جا پير چٽيندو آهي.“

سنجي جي زندگيءَ ۾ هي پهريون ڏينهن هو جو هڪ پڙهندڙ جي دل جو سيڪ اتي سندس مصنف جي دل کي بي چين ڪري ويو. هن پڇيو: ”اهو سڀ ڪجهہ ڄاڻندي بہ اوهان جي اندر بغاوت نہ ٿي ڀڙڪي؟“

”هتان ڀڙڪندي آهي، سيني ۾ باهہ جي شعلي جيان، پر نڙيءَ ۾ اچي اٽڪي ٿي پوي. نڙيءَ مان مانيءَ جو گرهہ بہ تہ ڳهڻو هوندو آهي.“

سنجي تي ماٺ مڙهجي وئي. اجنبي کيسي مان هڪ ننڍڙي ڪاپي ڪڍي ۽ سنجي جي آڏو رکندي چوڻ لڳو: ”مون کي پنهنجي ڪائي نشاني ڏئي ڇڏيو. هتي پنهنجي هٿ سان پنهنجو نالو لکي ڇڏيو.“

سنجي ميز تان قلم کنيو، ماٺ ميٺ ۾ سندس ڪاپيءَ تي پنهنجو نالو لکي ڇڏيائين... پر سندس دل ۾ آيو تہ اڄ هن هڪ باغيءَ جي دل تي خاموشيءَ سان صحيح ڪري ڇڏي.

اجنبي هليو ويو، پر سنجي ڪيتري دير تائين ماٺ ويٺو رهيو. هڪ پيرو خيال آيس. مون هن کان سندس نالو بہ نہ پڇيو، نہ اهوئي پڇيو مانس تہ تون ڪٿان آيو آهين. وري محسوس ٿيس، جنهن ڳوٺ مان مون سوچڻ جي چٽنگ حاصل ڪئي آهي انهيءَ ئي ڳوٺ جو هوندو. تڏهن تہ ايئن سوچي ٿو ۽ تڙپي ٿو. گڏوگڏ هن کي پنگيءَ چوڪري جي چيل ڳالهہ ياد آئي. هن اچي چيو هو: ”سائين اوهان جي ڳوٺ مان ڪوئي ماڻهو آيو آهي.“ ۽ سنجي کي لڳو تہ ان پنگيءَ چوڪري اڄ الهام جهڙي ڳالهہ ڪئي هئي....

دل ۾ هڪ چيڪو محسوس ڪيائين. ”يار سنجي! پڙهندڙن جي ڪاپين تي تنهنجون صحيحون ڪهڙي معنيٰ ٿيون رکن؟ بغاوت تہ نڙين ۾دٻي پئي آهي. اتي صرف مانيءَ جي صحي هجڻ گهرجي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجي سڃاڻي نہ سگهيس تہ ڪير آهي..... مون سوچيو شايد ڇوڪريءَ غلطيءَ مان مون جو دروازو کڙڪايو آهي پر ڇوڪري ان غلطيءَ کي ڄاڻندي بہ پوئتي نہ ٿي، پر جهجهڪندڙ وکن سان اڳتي ڪمري ڏانهن وڌي.

"مان اندر اچان؟" ڇوڪريءَ پڇيو.

تڏهن سنجي ڪمري ۾ اجهاڻل بتي ٻاري ۽ ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريائين، پرچيائين ڪجهہ بہ نہ. خيال آيس، سامهون واريءَ دريءَ مان صرف خزان جو احساس ٿيو آهي. هي هن دروازي مان تہ بذاتِ خود خزان ڪمري ۾ گهڙي آئي آهي. پر اها ڳالهہ ڇوڪريءَ کي چوڻ جي نہ هئي. انڪري سنجي صرف ايترو چيو: "مون اوهان کي سڃاتو ڪونہ."

ڇوڪريءَ جي جسم تي ميرانجهڙا ڪپڙا هئا، پر سندس چهري ڪان وڌيڪ ميرانجهڙا نہ. هن کي ننڍن ننڍن گلن واري ڇيٽ جي سلوار ۽ چولو پاتل هئو. ڪپڙن جي قتل رنگ کان وڌيڪ سندس چهري جو رنگ قتل هو.

سورنهن سالن جي ايرندڙ جوانيءَ ۾ بہ جوانيءَ جي خاتمي جو احساس پئي ٿيو.

"منهن جو نالو ڪملا آهي."

ڇوڪريءَ جي سنهڙي ۽ اجڙيل چهري تي صرف هڪ شيءِ هئي. سندس اکين جا حيرت، جيڪي پيڙ نقشن جيان اجڙيل نہ هئا..... شايد اتي سندس عمر جي سورنهن ئي سالن جو قيام هو.

هن اکيون ڇنڀيون، سامهون، سڌي بيٺل سنجي ڏانهن ڏٺو ۽ چيائين: "پوئين پاسي جيڪي ننڍا ڪمرا آهن، منهنجي ماءُ اتي رهندي آهي."

سنجي کي ٿورو تعجب ٿيو تہ ڇوڪريءَ پوين نوڪرن جي ڪمرن کي سڌو نوڪرن جا ڪمرا چوڻ بدران ننڍا ڪمرا چئي ڪم ٽپايو آهي.

"توهان بہ پيرا اچي منهن جي ماءُ کي اتي دوا ڏئي ويا هئا." اها تمام معمولي ڳالهہ هئي سنجي کي ياد بہ نہ هئي. هن ڪيترائي ڀيرا مالهيءَ جي، چوڪيدار جي ۽ ٻاهر وارن ڪيترن ئي مسواڙين جي ڪوٺڙين ۾ وڃي وقت بوقت سندن ننڍي وڏي مدد ڪئي هئي. سو هاڻ بہ ان انداز سان پڇيائينس: "ماڻهين بيمار آهي؟"

"نہ، اڄ هوءَ ماسيءَ جي گهر وئي آهي، مون کي ويندي ويل چاٻي ڏئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي هئي، پر مون کان ڇاپي ڪٿي وڃائجي وئي آهي.“

تنهن ڪري ڪمرو بند آهي.“

”اڳ ڇو نہ ٻڌايئہ، هاڻ ايتري رات گذري وئي...“

”پويان ڳاهہ ٻہ ڪري هئي، مان ڪيتري ئي دير تائين ڳوليندي رهيس.“

”هاڻ تالو ڀڄڻو آهي؟“

ڇوڪريءَ نہ ها ڪئي ۽ نہ ئي نہ. ڇپرن جو سمورو بار اکين تي اڇلائي ڇڏيائين.

”چوڪيدار کي ٻڌائين ها. تالو کولائي ڏيئي ها يا ڀڃي ڏيئي ها.“

”نہ امان ڪاوڙبي.“

”پوءِ-؟“

”مان رات جو هتي سمهي پوان؟“ ڇوڪري ٻئي ڳورا ڇپر کڻي سنجي ڏانهن ڏٺو. ۽ ڪارين اکين جي چمڪ سان چيو: ”سوير ڇاپي ڳولي وٺنديس، اتي ڳاهہ ٻہ ڪٿي پئي هوندي.“

سنجي کي گهڙيءَ لاءِ لڳو اها تہ تمام معمولي ڳالهہ آهي...... هڪ انسان ٻئي انسان کان ٿوري مدد گهري..... پر ٻئي پل اها معمولي ڳالهہ معمولي نہ لڳس. چيائين: ”هتي منهن جي ڪمري ۾؟ هن چوڪيدار کي چوين ها. منهنجو مطلب آهي چوڪيدار جي عورت کي.....“

”انهن کان مون کي ڊپ ٿيندو آهي.“

ڇوڪريءَ وري بہ پنهنجي ڇپرن جو بار پنهنجي اکين تي اڇلي ڇڏيو. شايد هن پيري پنهنجي ڳالهہ جو بہ.

سنجي پنهنجي ڪمري جي ڇتن ئي ديوارن ڏانهن ڏٺو، وري ان دريءَ کي ڏٺائين جيڪا جهڪڻي ڏانهن ٿي کلي ۽ ان دروازي ڏانهن بہ ڏٺائين جيڪو عمارت ڏانهن ٿي کليو. جيڏانهن شهر هو...... شهر جيڪو رات جو بہ ڪڏهن پورو نہ سمهندو آهي..... ان جي ڪنهن ڪنڊ مان ڪنهن ٻار جي روئڻ جو آواز ايندو آهي، ڪنهن ڪنڊ مان ڪنهن جي زال جي چوڙين جو ڇڻڪو ايندو آهي ۽ ڪنهن ڪنڊ مان ڪنهن پوڙهيءَ جي کنگهڻ جو.....

سنجي زور سان کلڻ گهريو..... ”يار سنجي! هن شهر ۽ جهنگل جي وچ ۾ تنهن جي ۱۴ فوٽ چورس جي جهوپڙي آهي، ڏس، اها خطري کان خالي آهي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ ڪٿي بہ ڪا بہ جاءِ، هڪ جوان ۽ اڪيلي ڇوڪريءَ کي پناهہ ڏئي نہ سگهي..... اهو بہ رات جو......."

پر سنجي صرف ايترو چيو: "تون ڪٿي سمهنديندين؟" ڪمري ۾ ڪٽ تہ هئي، پر فرش تي سائي رنگ جي فراسي، گاهہ جيان وڇايل هئي..... نم جي پنن جي ڇنڪار واري...... "هتي هڪ پاسي ۾ سمهي پونديس." ڇوڪريءَ چيو ۽ پرينءَ ديوار وٽ پاڻ ۾ سمائجي فراسيءَ تي ويهي رهي.

ڪمري جو دروازو بند ڪرڻو هو. سنجي بند ڪري ڇڏيو، پر ڪمري جي بتي بند ڪرڻ وقت هن جو هٿ بيهي ويو. "بتي ٻرندي ڇڏي ڏيان، اونداهہ ۾ توکي ڊپ تہ نہ ٿيندو."

ڇوڪريءَ دريءَ ڏانهن ڏٺو، جنهن مان ٻاهرين سڙڪ جي بتيءَ جي روشني ڏسڻ ۾ پئي آئي، چيائين: "نہ...... وسائي ڇڏ ......"

سنجي ڪٻٽ مان هڪ چادر ڪڍي، ڇوڪريءَ کي ڏني، پوءِ ڪمري جي بتي وسائي ڪيتري ئي دير دريءَ وٽ بيٺو رهيو.

ڇوڪريءَ چادر کولي، ڪلهن تائين ويڙهي ديوار سان مليل ڪُنڊيءَ جيان ڀنجي رهي.

هڪ ڇوڪري سڄي شهر کان پنهنجي جواني بچائيندي هڪ نم جي وڻ تي چڙهي وئي، پوءِ تارين کي جهلي، هڪ تاريءَ ۾ لڙڪي، کليل دريءَ مان هن جي ڪمري ۾ هلي آئي......

پر اهڙو ڪوبہ تصور سنجي جي ذهن ۾ نہ آيو. هن ڪمري جي اونداهہ ۾ ميز، ڪرسي، ڪٻٽ ۽ ڪٽ جهڙيون شيون جي گولائي ۽ ڊگهائيءَ ۾ تتندڙ نقش ڏٺا ۽ وري فرش تي ننڍن ننڍن ۽ زنده شين جيان بدلجندڙ نم جي پنن ڏانهن...... ۽ وري پرينءَ ديوار وٽ ڪُنڊيءَ جيان ستل ڇوڪريءَ ڏانهن.......

ڇوڪريءَ جي مٿان وڌل سفيد چادر اونداهہ ۾ ميرانجهڙي ڏسڻ ۾ اچي رهي هئي. ايئن جيئن نم جي وڻ مان لهي آيل هڪ وڏو نوريٽڙو دريءَ مان اندر ڪمري ۾ هليو آيو هجي...

سنجي کي اهو نوريٽڙي وارو تصور سنو لڳو. پر گڏوگڏ دريءَ کان نہ دروازي کان ڊپ محسوس ٿيس.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن سوچيو، ”سوير ڪوئي چوڪيدار يا ڪوئي ٻيو هن کي منهن جي ڪمري مان نڪرندو ڏسندو تہ ڇا ٿيندو؟“

پر ٻي گهڙيءَ سنجي کي ڳالهہ اچي وئي، يار سنجي! تون ڪڏهن کان ماڻهن جي سوچ جي سطح تي سوچڻ لڳو آهين. ماڻهن جو خيال سنجي ذهن مان ڪڍي ڇڏيو. پر اڏامندڙ مک جيان هڪ نئون خيال هن جي من ۾ سمايو ... سياڻي سندس ماءُ اچي ڇا چوندي تہ ڇوڪري تہ ڏٺل هئي، ڀاڳل هئي، پر توکي تہ ڪجهہ سوچڻ گهربو هو...

سنجي جي چوڏهن فوٽ چورس ڪمري ۾ ڊپ جو هڪ پن ڇٽي آيو. نہ ڄاڻ من جي ڪهڙيءَ تاريءَ تان... ڪمري ۾ نم جي پنن جي هلڪي سرسراهٽ هئي. پر ان نون پنن جو وڌندڙ آواز سنجي جي ڪنن ۾ گونجڻ لڳو ... هن جي ذهن ۾ ڌماڪا پيدا ڪرڻ لڳو. ڇوڪري بنا ڪنهن چرپر جي، ديوار سان لڳي، ديوار جو ئي حصو بڻي، ماٺ ميٺ ستي پئي هئي...

سنجي کي پنهنجو پاڻ ڇوڪريءَ کان بہ نندو ۽ اگهاڙو لڳو. هڪ عام ڇوڪريءَ کان بہ وڌيڪ خسيس ... هو پنهنجي اکين ۾ بي آرام ٿيندي کٽ تي وڃي ليٽيو... ڪجهہ دير سمجهي نہ سگهيو ....

ننڊ ڪڏهن آيس، سنجي کي ڪابہ پروڙ نہ پئي. هو ڪيتري دير ستو، ڪيس اها بہ ڪَل ڪانهي... ڪيس صرف ايتري خبر آهي تہ سندس ٻانهن ڪان وٺي هر هر ڪيس ڪوئي جاڳائي رهيو هو.

ڇرڪي جاڳيو، ڏٺائين، کٽ وٽ ويٺي اهائي ڇوڪري ڪيس جاڳائي رهي هئي.

سنجي اوندهہ ۾ هٿوراڙيون هٽي بستري جي مٿن ڪان لڳل بجليءَ جو سوِچ ڳوليو، بتي ٻاري ۽ ڪجهہ گهبرائجي ان ڇوڪريءَ ڏانهن ڏٺو:

ڇوڪري چپ چاپ ديوار وٽ ويٺي هئي.

سنجي گهڙي ڏٺي، رات جا چار وڄي رهيا هئا. گهڙيءَ جي ڊگهي سئيءَ جيان سنجي جي نرڙ تي گهنڊ پئجي ويو، چيائين: ”هاڻ توکي ڇا ٿيو آهي؟ سمهين ڇو نہ ٿي؟“

”مون کي ڊپ ٿو ٿئي.“

نرڙ ۾ ڄڻ گهنج پئجي ويس. سنجي جي دل ۾ آيو هن مهل اٿي ڪمري جو دروازو کولي ڇوڪريءَ کي چوڪيدار جي حوالي ڪري ڇڏي. چويس تہ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن جي ڪمري جو تالو پڇي چوڪريءَ کي اتي پهچائي اچ اتي جتي هن کي ڏپ نہ ٿئي.

لڳس، هو هن وقت در ڪوليندو تہ هڪ خوفائتو شهر جاڳي پوندو. سو غصي مان چوڪريءَ کي ڏنائين.

ڏسندي چيائين: "پوءِ مان بتي ٻاري تنهنجي چوڪيداري ٿو ڪيان، تون سمهي پوءِ....."

چوڪريءَ ڪجهہ نہ چيو.

"ڇا نالو آهي تنهنجو؟ ڇا ٻڌايو هوءِ؟"

چوڪريءَ پنهنجو مٿو ڪٽ تي رکندي چيو: "ڪملا"

"ڪملا ديوي، هاڻ توکي ننڊ نہ ٿي اچي تہ مان ڇا ڪريان؟"

سنجي جي ڪاوڙ نرڙ تان لهي، چپن تي اچي وَئي. پر ڏنائين چوڪري سڏڪي سڏڪي روئي رهي هئي.

ڪوئي ٻيو هجي ها تہ سنجي جي دل پگهري وڃي ها، پر هو ڪنور پنهنجي سيني ۾ ئي وڙهندو رهيو.

"پوءِ ٻڌاءِ ديوي! مان ڇا ڪريان؟"

چوڪري ڪٽ تان هٿ ڏگهيري سنجي جي هٿ کي ڇهيو ۽ چيائين ڪجهہ بہ نہ...

هن ڏانهن ڏنائين بہ نہ.

سنجي هن جي هٿ کي ڇنڊي پري ڪرڻ پيو گهري، پر هن ڪجهہ سوچيو ۽ هٿ ايئن ئي ڇڏي ڏنو.

"ڪملا! مون ڏانهن ڏس."

ڪملا نہ ڏٺو، ڪنڌ کي ڪلهن تي ڪيرائي ڇڏيائين.

"ڪملا..." سنجي ڪجهہ تکي لهجي ۾ هن کي ڪوٺيو.

چوڪري شايد ڏڄي وئي، هن ڪنڌ ڪڍي سنجي ڏانهن ڏٺو.

"توکي... سچ پچ ڏپ ٿو ٿئي؟"

چوڪريءَ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"پوءِ تو مون کي آڌيءَ رات جو ڇو جاڳايو آهي؟"

چوڪري ڇسيل پن جيان ڏڪي وئي... پوءِ هن جو مٿو ڪٽ تي ايئن



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪري پيو جيئن اهو ڏڪندڙ پن هجي جيڪو وڻ مان ڪري پيو هجي. هن پن جهڙي پيلي آواز ۾ چيو: "امان چيو هو."

سنجي جي ڪاوڙ نرڙ تان لهي چپن تي اچي وئي هئي ۽ هاڻ چپن تان لهي سيني ۾ لهي آئي.

نہ چاڻ هو من جي ڪاوڙ سان پري ڪٿي نهاري رهيو هو.

"رات جو منهنجي ڪمري ۾ اچڻ لاءِ توکي ماءُ چيو هو." سنجي سڌو سوال ڇوڪريءَ جي آڏو رکي ڇڏيو.

ڇوڪريءَ هاڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

هاڻ سنجي من جي غصي مان ڇوڪريءَ ڏي نٿي ڏٺو. هن ڏور سندس ماءُ ڏانهن يا ان ڪان بہ پري هن جي ڪنهن مجبوريءَ ڏانهن ڏٺو هو. اوچتو پڇي ويٺو: "تنهنجو پيءُ ناهي؟"

"نہ ....."،

"پاءُ....."

"نہ ....."

"ماڻهين گذران لاءِ ڇا ڪندي آهي؟"

"ماڻهن جا ڪپڙا سبندي آهي."

"گذاري لائق پئسا نہ ٿي ڪمائي سگهي."

ڇوڪري ڪجهہ دير ماٺ رهي، پر سنجي جي موجودگيءَ ۾ اها ماٺ آسان نہ هئي، چيائين: "مشين قسطن تي ورتي اٿس، جيترا پئسا ڪمائيندي آهي اڌ قسط ۾ هليا ويندا آهن."

سنجي ٿوري دير سوچيندو رهيو ۽ پوءِ چيائين: "جيئن اڄ رات هن توکي هتي موڪليو آهي، اڳ بہ ڪٿي موڪليندي رهي اٿئي؟"

سنجي کي لڳو ڇوڪري ڪوڙ نہ ٿي ڳالهائي، پڇيائينس: "تنهنجي ماءُ جو ڪهڙو خيال هو تہ ايئن جهٽ ۾ ئي مان توکي ڪجهہ پئسا ڏئي ڇڏيندس؟"

"نہ......"

"پوءِ...."

ڇوڪري ڪوبہ جواب نہ ڏنو ۽ وري روئڻ لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇوڪريءَ جو هٿ سنجي جي هٿ کان ڪڏهوڪو ڇڙي ٿي ويو هو. ان وقت سنجي ٿي هٿ ڏڪيريو. ڇوڪريءَ جي ڪلهي تي رکندي چيائين: "پوءِ جيڪڏهن توکي ايئن پئسا ونٿا نہ هئا، تہ ڇا ڪرڻ آئي هئينءَ؟"

"امان چيو ٿي ......" ڇوڪريءَ مشڪل سان ايترو ٿي چيو ۽ وري روئڻ لڳي.

"تون اسڪول ۾ پڙهندي آهين؟"

ڇوڪريءَ انڪار ۾ ڪنڌ لوڏيو.

"تنهن جي پڙهڻ تي دل نہ ٿي ٿئي؟"

"امان اسڪول مان نالو ڪيرائي ڇڏيو هو." ڇوڪريءَ چيو ۽ هن جو روئڻ ڪجهہ بيهي ويو. "امان مون کي ڪپڙا سبڻ لاءِ چوي ٿي، پر ڪپڙا سبڻ ۾ منهنجي دل نہ ٿي لڳي."

"اسڪول ۾ پڙهڻ تي دل ٿيئي ٿي؟"

ڇوڪريءَ اثبات ۾ ڪنڌ ڌوڻيو.

"جيڪڏهن مان تنهنجي اسڪول جي في ڏئي ڇڏيندو ڪريان تہ تون پڙهندينءَ؟"

ڇوڪريءَ جي چهري تي هڪ گهرو رنگ ڦري ويو چيائين: "ضرور پڙهندس."

"چڱو هاڻي ٻڌاءِ، ماڻهين ڇا سوچي توکي رات جو هيڏانهن موڪليو هو؟"

ڇوڪري شرمائجي وئي، اهو شرم ڪنواري ڇوڪريءَ جو فطري حياءُ هو. ڪنڌ هيٺ ڪري چيائين: "هوءَ منهنجو وهانءُ ڪرڻ ٿي گهري."

سنجي انهيءَ ڳالهہ جي انتها ايتري تائين نہ سوچي هئي، انڪري سندس ڪاوڙ رڳن رستي پوري جسم ۾ پکڙجي وئي. سنجي صرف هن ڏانهن هڪ گهور ڪئي، چيائين ڪجهہ بہ نہ.

"اوهان فڪر نہ ڪريو." ڇوڪريءَ ۾ هڪ ڦڙتي اچي وئي هئي ۽ هُوءَ ڪٽ وٽ هڪ ڳنڍ جيان ويٺل، اوچتو اٿي بيهي رهي.

سنجي صرف هن ڏانهن ڏٺو، چيو ڪجهہ نہ، ٿوريءَ ماٺ کان پوءِ ڇوڪريءَ پاڻ ئي ڳالهايو: "امان سوير ئي ايندي، چوي پئي اول ڪمري ڏانهن وينديس، اتي تالو ڏسي زور زور سان گوڙ ڪندس....."

"۽ پوءِ جڏهن تون منهنجي ڪمري مان نڪرندينءَ، هُوءَ ماڻهن جي آڏو



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چوڻ لڳي: "نہ. امان کي جيڪڏهن هيئنن هڪ وقت سؤ رپيا ملي ويندا، تہ ٿورن ڏينهن کان پوءِ هُوءَ مونکي ڪنهن ٻئي جي گهر موڪليندي."

سنجي ڀهريون ڀيرو حيران ٿي ڇوڪريءَ ڏانهن نهاريو.... ڇوڪريءَ نمستي جي انداز ۾ هٿ ٻڌا ۽ چيائين: "ڪمري جي بتي گل ڪري ڇڏيو. دريءَ مان ڏسي وٺنديس. جڏهن چوڪيدار ڪنڊرن ڏانهن ويندو، مان پنهنجي ڪمري ۾ واپس هلي ويندس."

"۽ گاهڪ ۾ ڪريل چابي ڪيئن ملندءِ؟" سنجي کي هلڪي کل اچي وئي.

"اها تہ مون پاڻ هڪ پٿر جي هيٺان رکي ڇڏي آهي."

ڇوڪري هاڻ معمول تي اچي وئي، هوءَ پنهنجي عمر کان بہ وڏي لڳي رهي هئي. سنجي ڪمري جي روشني بند ڪئي ۽ دريءَ وٽ وڃي ٻاهر سڙڪ ڏانهن ڏسڻ لڳو.

"ٻڌا! تون منهنجي هڪ ڳالهہ مڃيندينءَ؟" سنجي پري دروازي وٽ بيٺل چوڪيدار ڏانهن ڏٺو ۽ پويان ڪمري جي اونده ۾ بيٺل ڇوڪريءَ طرف ڦري چيائين.

"مڃينديس." ڇوڪريءَ جهٽ چيو.

"وري ڪڏهن بہ ايئن رات جو ڪنهن جي گهر نہ وڃجانءِ."

"نہ وينديس."

"جيڪڏهن ماڻهين زوريءَ موڪلئي؟"

"مان نہ وينديس."

سنجي وري ڪجهہ سوچيو ۽ چيائين: "صبح سويل ماءُ کي ڇا چوندينءَ؟"

"ڪجهہ نہ ..... اهوئي تہ مان نہ ويس."

"هوءَ ڪاوڙبئي."

"پلي ڪاوڙجي"

سنجي ٻيو ڪجهہ نہ پڇيس صرف ايترو چيائينس: "فيس جي لاءِ ۽ ڪتابن لاءِ ڪجهہ پئسا...."

ڇوڪريءَ ڳالهہ وچ ۾ چيو: "هاڻ نہ، ڪڏهن ڏينهن جو اچي وٺي وينديس ٿورڙا..."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ جو واقعو سنجي جي من ۾ پٿر تي لڪير ٿي اڀري رهيو هو... جڏهن ماءُ پيءُ جي من ۾ خزان اچي ويچي تہ ڏس، سورنهن سورنهن سالن جا نازڪ پن بہ تيز هوائن جي حوالي ٿي ويندا آهن......

اڄوڪي حادثي کان متاثر ٿي سنجي هڪ ماءُ جي چهري کي غور سان ڏسڻ چاهيو، پر اکين ۾ اها سختي، اها ڪرختگي نہ آيس، صرف تصور ڪيل چهري جي بدنصيبي اکين اڳيان اچي ويس، جڻ جوان ٿيندڙ ڌيءُ جو فڪر اهڙي ڀيانڪ خيال تائين وٺي ويو هو....

"يار سنجي؟" سنجي وٽ ڪجهہ پڇڻ ۾ ڀڄائڻ وارو صرف سنجي ئي هو ان ڪري چيائين: "يار! تون ئي ٻڌاءِ ڪنهگار غريب هوندو آهي يا سندس غريبي؟ جيڪڏهن غريبي ڪنهگار هوندي تہ ان جي سزا سماج ۾ نظامِ حڪومت کي ملڻ گهرجي.... پر سزا انسان کي ملندي آهي ..... انسان کي ڇو؟ ڇا غريبيءَ جو گناهہ ان ڪيو آهي؟"

صبح ٿيڻ وارو هو، جڏهن سنجي کي ننڊ اچڻ لڳي، هن سوچيو شايد خيالن جي ڪابہ سوير نہ ٿيندي آهي... هي درياءُ وهندو رهندو آهي..... هٿ مان قلم ميز تي رکي سنجي ڪرسيءَ تائين ايئن اٿيو جيئن ٻوڏي ورڪش جي هيٺان ايندو آهي .... اکين ۾ هڪ چمڪ پر چهري تي گهرو اطمينان، عضون ۾ ٿڪاوٽ، پر نس نس ۾ هڪ لچڪ.

هن جي ڪيترن مهينن جي تپسيا پوري ٿي هئي. ناول پورو ٿي ويو هو. ڪمري ۾ ڄڻ تہ هڪ سنجي نہ ٻہ سنجي هجن. هڪ گوشت پوست جو هڏين جو ۽ ٻيو ڪاغذن جي ڍير ۾ لفظن جو ٺهيل.

پر ٻئي هڪٻئي جي تڪميل ڪندي، هڪٻئي ۾ ڏڙڪندي! اهڙي پريءَ جيان جنهن جو روح ڪنهن طوطي ۾ رهندو آهي.

سنجي جي منهن تي هلڪي مسڪراهٽ آئي، طوطو جهنگل ۾ هو. وڻ جي امانت ۾ ان لاءِ اها پري ڪنهن جي مارڻ سان نہ ٿي مئي. جيسين طوطو زنده هو هوءَ مري نہ ٿي سگهي.

سنجي ميز تي پيل ڪاغذن جي ڍير ڏانهن ڏٺو. "يار سنجي! توکي مارڻو هجي تہ انهن ڪاغذن کي ڪٿي ڦاڙي ڇڏجي، جيڪڏهن هي ثابت رهندا تہ تون نہ مري سگهندين.... هٿ ڪٻٽ ڏانهن وڌيا، پر ڪٻٽ کولي اهو ياد



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر اهو سمجهه ۾ آيو هوس تہ هاڻ جيڪڏهن ڪنهن لکيل شيءِ تي پير پئجي ويو تہ امان ماريندي.......

سنجي کي ڳل اچي وئي.... يار سنجي! اج تون ناول لکي ڪاغذن کي سنڀالي رکندين. پوئين ڪهڙي صديءَ ۾ پهچي ويو هئين؟ اتي جتي توجهڙي ڪنهن شخص اهي صرف پٿر تي اڪيريا هئا.... پوءِ وري شايد چمڙي تي لکيا هئا.... ان کان پوءِ پوج پتر تي.... تڏهن، جڏهن ڪاغذ نہ ٺهيو هو.... ۽ ان سان گڏ سنجي کي حيرانگي ٿي.

ڪٿي اهو صديون پراڻو زمانو ۽ ڪٿي اج کان مشڪل ويهہ ورهيہ اڳ جي ڳالهہ. جڏهن ماءُ ڪيس چماٽ هنئين هئي.... پٺي وقت هن جي ذهن ۾ ڪيئن گڏجي ويا؟

بعيد ۽ قريب ڪيئن ملي ويا هئا؟

سنجي گلاس ۾ باقي بچيل چڪيءَ کي هڪ ئي ڍڪ ۾ پي ويو ۽ هڪ سگريٽ دکائي بيچينيءَ مان ڪمري ۾ ٽهلڻ لڳو...

اوچتو اڪيون پرجي آيس.... امان! تون جيڪڏهن زنده هجين ها تہ توکان پڇان ها.... جڏهن ڪيترين صديون صديون اڳ مان وڻ پن تي لکندو هوس، تون تڏهن بہ منهنجي ماءُ هئينءَ؟ ڇا تڏهن بہ ڪنهن وڻ پن تي لکيل حرفن تي مون پير رکيو هو، ۽ تو تڏهن بہ مونکي چماٽ هنئين هئي؟ مون کي تون ڪيترين صدين کان لکيل حرفن جو احترام سيکاري رهي آهين؟

اج ڪافي سالن پڇاٽان سنجي کي ماءُ جي موت تي ايترو روئڻ آيو، جيترو شايد ان جي مرڻ تي بہ نہ آيو هوس....

ٻرندڙ سگريٽ جو آخري ٽڪرو سنجي جي آڱر کي ڇهي ويو تہ هن سگريٽ کي رکدانيءَ ۾ اجهائي ڇڏيو.

هن پنهنجو ڌيان ڪنهن ٻئي طرف لڳائڻ گهريو. صبح جي اخبار ايئن ئي پئي هئي، اهائي کڻي پڙهڻ لڳو.

پهرين صفحي تي وڏن حرفن ۾ هڪ وڏي سرخي هئي، هڪ سياسي رهنما جي تقرير جنهن ۾ هن ماڻهن کي ايماندار ۽ منظم زندگي بسر ڪرڻ جي اپيل ڪئي هئي.

زور سان ڪلندي سنجي جي هٿن مان اخبار ڪري پئي. ياد آيس: لوهہ جي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪارخاني واري ڪيشوءَ هڪ لائسنس جي لاءِ ان کي ٺي پنهنجي هٿ سان ٻه لک رپيا ڏنا هئا.

وات مان نڪتس: يار رهبر صاحب! جنهن زبان سان رشوت ونندو آهين، ان زبان سان نيڪ عملن جون ڳالهيون ته نه ڪندو ڪر. ڪجهه زبان جي ته عزت رک.... حرفن جو احترام ڪندو ڪر.

سنجي جو منهن ڪنهن مائٽ تي ماتم ڪرڻ جهڙو غمگين ٿي ويو. سچ پچ ماءُ جهڙي ڪاشيءِ آهي، جيڪا دنيا ۾ مري وئي آهي... صدين کان لکيل حرفن جو احترام ڪرڻ سيکاريندي هئي... حرفن جي عزت.... ياڻياڻين: منهنجي ماءُ جو صرف مون سان ئي تعلق هو.... هڪ عام عورت جو واسطو صرف پنهنجي پٽ سان....

هر شيءِ جو واسطو انسان سان هوندو آهي، اها ته عام نه ٿي ٿي سگهي.... پر سندس موت تي هاڻ ڪوئي نه ٿو روئي، ڪوئي به نه ٿو روئي، هڪ ماءُ جي مرڻ جيترو به نه.....

سنجي جي نگاهه ميز تي پيل پنهنجن ڪاغذن تي پئي، جيڪي سندس ڇهن مهينن جي رياضت جو ڦل هو. ۽ انهن وٽان هو اٿڻ اٿيو هو جيئن مها پوڙي ورڪش جي هيٺان اٿيو هجي. خيال آيس اڄ ڪهڙو گيان ونيو. انهيءَ پوڙي ورڪش جي هيٺان آيو آهيان؟ لڳس، سچ پچ ڪوئي گيان حاصل ٿيو... ڪنهن شيءِ جي موت جو گيان....

۽ گيان جهڙو ئي هڪ پيو احساس ٿيس ...... شايد جڏهن کان دنيا جڙي آهي، تڏهن کان ڪجهه ماڻهو لڳاتار حرفن کي قتل ڪندا آيا آهن ۽ ڪجهه ماڻهو اهڙا هوندا آهن جيڪي پنهنجو پاڻ کي حرفن ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن. هميشه پاڻ وڃائيندا رهندا آهن..... هن کان هڪ گهڙي اڳ خيال آيو هوس ته منهنجو ساهه انهن ڪاغذن ۾ آهي، اهي رهندا ته مان مري نه سگهندس. اهو خيال صرف ايترو ئي نه هو، نه انهن ڪاغذن تائين محدود ۽ نه مان ئي صرف سنجي جي نالي ڳنڍيل.... سنجي جي نظر دنيا جي پهرين ڪتاب کان وٺي اوستائين پکڙجي وئي، جتي آخر ۾ ڪجهه نه هو ۽ هو ڪلي چوڻ لڳو: يار سنجي! تڏهن تنهنجو نالو ڇاهو ۽ ڪڏهن تنهنجو نالو ڇا هوندو، اهو ته تون به نٿو ڄاڻين....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر ايتري وڏي ڳيان ڪان اهڙو اطميئنان هن جي چهري تي ڇانئجي ويو.
جيئن هن پنهنجو نسل، پنهنجو خاندان ڳولي ورتو هجي. هُو انسان جي ان خاندان مان آهي، جنهن جا پاتي؛ جڏهن ڪان دنيا جڙي آهي تڏهن ڪان پنهنجو روح حرفن ۾ وجهندا آيا آهن....

سنجي، خوشيءَ مان ميز تي پيل ڪاغذ هڪ فائيل ۾ ڳنڍ ڪيا. فائيل کي هڪ ڏاڪي ۾ ٻڌائين ۽ ڪونڙيءَ مان سائيڪل ڪڍي، پنهنجي ان پبلشر ڏانهن رخ رکيائين، جنهن سندس پهريون ناول ڇپيو هو.

گرميءَ جي موسم گذري چڪي هئي، پر سنجي کي ٻاهر سڙڪ تي اچي، اس جي تيک جو ڪجهه احساس ٿيو. جڻ گرمي وينديَ وينديَ اڄ ٻاهر سڙڪ تي ترسي پئي هجي! هن سائيڪل کي آهستي ڪري ڇڏيو. نرڙ تان پگهر اگهيائين ۽ جڏهن هو پبلشر جي دفتر ۾ پهتو ته پانيائين ته ڪيتريون سڙڪون ٽپي هيستائين پهچڻ تائين مند بدلجي وئي آهي.

ڏاڍي ڳنڀائين ڪمري اوچتو سنجي جي اکين ۾ ننڊ اوتي ڇڏي، پانيائين شايد هو ڇهن مهينن کان نه ستو هجي ۽ هاڻ جيءُ ڀري ننڊ ڪرڻ چاهيندو هجي.

"سنجي صاحب! توهان جو پهريون ناول ڇپيو ته هوم، پر وڪرو نه ٿيو." ڪمري ۾ اوچتو هي آواز آيو ته سنجي جي هٿ ۾ نئين ناول جو مسودو هو. اهو سندس جسم تي لڳي ويو. "ويهو. ڪوئي نئون ناول لکيو اٿو؟"

"جي ها."

"ويهو، مان اوهان کي هڪ ترڪيب ٿو ٻڌايان....."

"ترڪيب ناول لکڻ جي....؟" سنجي کلي ڏنو.

کلندڙ آواز ۾ ئي جواب مليس: "لکڻ جي نه سهي، پر ڇپجڻ جي ته ٻڌائي ٿو سگهان."

سنجي ڪجهه چيو ڪونه، صرف ٻڌو: "توهان کي نالو بدلائڻو پوندو."

هن ڀيري سنجي جواب ڏنو. "پر اوهان ته اڳا ڏنو به ناهي ته مون ڇا نالو رکيو آهي...."

"مان ناول جي ڳالهه نٿو ڪريان، اهو ته خير اسان پاڻ ئي بدلائي ڇڏينداسون....."

"پوءِ ڪنهن جو؟" سنجي نه چاڻ ڇو زور زور سان کلڻ لڳو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اها تہ ڪا ڳالھہ ناهي. معاشي بہ هلندي. ڇهہ پنج سئو رپيا هيئنر ڏئي ڇڏيان؟ ها، سچ ياد ٿو پوي، هڪ انٽرويو ۾ اوهان پاڻ چيو هو تہ اصلي لکڻ واري جو لاڳاپو لکڻ سان هوندو آهي شهرت سان نہ! اهو ڀل سڄي عمر گمنام رهي. ڪيئن اوهان چيو هو نہ؟"

"ها، چيو هو."

"پوءِ اوهان کي نالي جي ڪهڙي پرواهہ آهي؟"

"نالي جي تہ نہ......" سنجي مرڪيو. "پر خاندان جي آهي."

"ڇا مطلب؟"

سنجي جي من ۾ آيو تہ چئي، دنيا ۾ جيترا بہ ماڻهو آهن، ٻن طبقن مان آهن. هنن خاندانن مان..... هڪڙا اهي جيڪي حرفن کي قتل ڪندا آهن ۽ ٻيا اهي...... پر سنجي کي ان خاندان جو ذڪر ڪرڻ بيڪار لڳو جيڪو پنهنجي جان بہ حرفن کي ڏئي ڇڏيندو آهي، انڪري ماٺ تي ويو. پر ماٺ رهڻ فطري نہ هو. ان ڪري هو زور سان کلڻ لڳو......

"واهہ سائين! ان ۾ کلڻ جي ڪهڙي ڳالھہ آهي؟"

"مان پرسان رکيل ميز تي اوهانجي تصوير ڏسي رهيو هوس....."

"ڇو صاحب! منهن جي شڪل اهڙي آهي ڇا.....؟"

"تمام خوبصورت چهرو...... مون کي ياد آيو، اهو مون ڪنهن اخبار ۾ ڏٺو آهي."

"نہ سائين! اسانجي تصوير ڪير اخبارن ۾ ڇاپيندو؟"

"نہ منهن جو مطلب آهي تہ اها تصوير جيڪا مون ڏٺي هئي، ان سان اوهان جي شڪل بلڪل ملندڙ آهي."

"ڪنهن جي تصوير هئي؟"

"ڪنهن جرمن ڊاڪٽر جي....."

"جرمن ڊاڪٽر جي؟ منهن جي شڪل ان جهڙي آهي؟"

"ها."

"ڇا نالو هوس؟"

"ڊاڪٽر روزن ٿال."

"عجيب ڳالھہ آهي. جرمن تہ ڏاڍا خوبصورت ٿيندا آهن."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجي فائيل کڻي ڪمري مان هلڻ لڳو ته پبلشر حيران ٿيندي چيو: "ڇا پنج سئو به منظور نه اٿو؟"

"نه."

"ڇگهو ست سئو وٺو. فائيل هيڏي ڏيو."

سنجي جواب نه ڏنو. فائيل کڻي ٻاهر سائيڪل اسٽينڊ تي آيو. جتي پنهنجي سائيڪل رکي ويو هو.

پيهه وارو لاڙو گذري ويو.آڌو ڪليل سڙڪ آئي ته سنجي کي خيال آيو.

"يار سنجي! جيڪڏهن هو توکان پڇي وٺي ها ته ڊاڪٽر روزن ٿال ڪير هو، ته تون ڪهڙو جواب ڏئين ها؟ ڪوڙ ڳالهائين ها نه ته سچ ٻڌائينس ها؟"

هاڻ اهو سوال آڏو نه هوس. نه هن پڇيو هو، نه سنجي ٻڌايو هوس. پر اوچتو سنجي کي خيال آيو. جيڪڏهن هُن ڪنهن ڏينهن هٽلر جي زماني جي تاريخ پڙهي ورتي ته ان ۾ ريونز بروڪ ڪنسنٽريشن ڪئمپ جو احوال پڙهندي هو روزن ٿال جو نالو ضرور پڙهندو.....

سنجي کي ان وقت ڪل نه آئي، هڪ آهه سيني مان نڪري ويس، اکين اڳيان ڪيترائي اهي قيدي تڙپڻ لڳا. جن جي ڏندن ۾ سون جون ڪليون هيون ۽ جن جو علاج ڪندي ڊاڪٽر روزن ٿال انهن کي ماري سندن ڏندن مان سون جون ڪليون ڪڍي وٺندو هو......

اکين اڳيان اڻ ڳڻت چهرا اچي ويس ۽ انهن ۾ سنجي جو پنهنجو چهرو به پنهنجي اکين جي اڳيان اچي ويو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مان هن جو قصور بہ نہ ٿو مڃيان، سچو قصور تہ شيعہ ۽ سنيءَ هجڻ جو هو."

"يار، هي مذهب ۽ هر هڪ مذهب جا ڪئين ڪئين فرقا... تڏهن تہ هن چيو هو تہ اي ميان ڪريم قادر! پيو ڪجهہ نہ تہ بلهي شاهہ ٺي ٺي وڄ ۽ زور زور سان ڳاءِ، ڌرمسال گهڙوائي وسدي...."

"ايئن نہ يار! سُرَ سان ڳائي ٻڌاءِ."

سنجي چيو ۽ ڪريم جوش ۾ اچي ڪنن تي هٿ رکي سُرُ ڪڍيو.

ڌرمسال گهڙوائي وسدي، ٺاڪر دواري ٺگ،

وچ مسيت ڪتي رهندي، عاشق رهنِ الگ.

اوهہ پيٺ نمازان، چڪڙ روزي، ڪلمہ ڦرگئي سياهي،

بلهي شاهہ شهد اندرون مليا، ڀڄلي ڦري لڪائي.

(ڌرمشالي ۾ لٽيرا رهندا آهن ۽ ٺاڪر دواري ٺڳ. مسجد ۾ بي ڊنگا رهندا آهن- عاشق تہ الڳ رهندا آهن.)

(ڪڏ ۾ پيون نمازون، کپ ۾ روزا، ڪلمي تي مس هارجي وئي.

بلهي شاهہ کي شاهہ (خدا) دل جي اندر مليو، خلقت ڀٽڪي رهي آهي.)

سنجي ڪريم جي آواز تي جهومي اٿيو، ۽ بلهي شاهہ جي ٻولن تي بہ، چوڻ لڳو: "ڪريم ميان! توهان جو بلهي شاهہ اها ڳالهہ ڪيئن وڏي واڪ چئي ويو؟ اها تہ اڄ بہ چوڻ يا ٻڌڻ مشڪل آهي."

"کهڙي ٿا ڳالهہ ڪريو سائين، بلهي شاهہ جي...." ڪريم هڪ ٿڌو ساهہ کنيو ۽ چيائين: "منهنجي والد جون بہ ڀاٽيجيون هيون. سندس ٻن جگري دوستن جون ڏيئر .... ٻئي اتفاق سان يتيم ٿي ويون، تہ بابا کي انهن کي ڪنهن مقام تي پهچائڻو هو. سو منهنجي ٺي نڪ ۾ ناڪيليون وجهي ڇڏيائين.... نہ تہ خدا جو قسم، مان تہ فقير ٿيڻ لاءِ سوچي رهيو هوس. هڪ ڏينهن بلهي شاهہ ٻنجي ٺي وڃان ها."

سنجي حيران ٿي پڇيس: "ٻئي؟"

ڪريم کلڻ لڳو. "شڪر ڪر سائين جو بہ ٿي هيون. پنج هجن ها تہ منهنجون پنجئي نمازون ٿي وڃن ها."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجي، ڪريم جي زندهہ دليءَ تي کلي کِلي ويهي رهيو. چيائين: "نہ يار ڪريم! پنج تہ نہ ٿي، ٿي سگهيون."

"ڇو سائين، ٿي ڇونہ ٿي سگهيون؟" ڪريم حساب لڳايو: "بس، ايتري ئي ڳالهہ جو فرق رهجي ويجي ها، تہ وڏي جيڪڏهن سورنهن سالن جي هجي ها تہ سڀني کان ننڍي سٺن اٺن سالن جي هجي ها ...... پوءِ پل مان هن کي پتاشا ڪارائي ريجهائيندو رهان ها ......."

سنجي کلي ڪريم جي ڪلهن کي لوڏيو. "يار! تون واهہ جو مسلمان آهين. توکي اهوبہ ياد ناهي تہ تون چئن کان وڌيڪ نڪاح ڪري ئي نہ ٿي سگهئين."

ڪريم ڪلڻ لڳو. "اها ڳالهہ اوهان سهي چئي آهي سائين. پنجين نڪاح مهل پهرينءَ کي طلاق ڏيئي پوي ها." پوءِ ڪريم گهڙيءَ ڏانهن ڏسي چيو. "اڄ من تہ واهہ جو لڳو آهي، وڃڻ تي دل ئي نہ ٿي چوي، پر هاڻ مان هلان ٿو، گهر وڃي بہ نمازون پڙهڻيون آهن."

"تہ پئي عورتون گڏ رهنديون آهن؟" سنجي، ڪريم کان پڇيو.

هُو اٿڻ واري ڪندي بہ نہ اٿيو. چوڻ لڳو: "ءِ سائين! مون ڇا ڪين جدا جدا محل ٺهرائي ڏنا آهن؟ ٻنهي گڏجي منهنجو مقبرو جو اڏايو آهي. بس پارن کي وٺي انهيءَ مقبري ۾ رهنديون آهن."

سنجي هڪ سگريٽ دکائيندي چيو: "ڪريم ميان! تون سگريٽ تہ پيئندو ناهين، مون کي خبر آهي. ڪجهہ دارو پارو پيئندين؟"

ڪريم هڪ منٽ سوچي پوءِ چيو: "ڪڏهن چپ پسائي وٺندو آهيان، پر ڪڏهن سهي. هاڻ رستي مان چانور پانور وٺنا آهن. گهر ختم ٿي چڪا آهن.... نہ تہ پهچندي ئي پئي......"

ڪريم وڃڻ لاءِ اٿي ڪڙو ٿيو تہ سنجي کلي ڪيس چيو: "تہ اڄ پلاءُ پچندو؟"

ڪريم بہ کلڻ لڳو. "ڏسون! گهر پهچي پئي پلاءُ پچائي ٿيون ڪارائين يا روزو ٿيون رکائين....."

"چڱو ڪريم ميان! اڄ توسان ملي ڏاڍي خوشي ٿي." سنجي چيو ۽ ڪريم کي هيٺ تائين ڇڏي اچڻ لاءِ دروازي ڏانهن وڌيو. وري اچي هند تي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ويهڻ لڳو تہ ڪريم چيس: ”نہ يار ويهہ نہ. مان ويهي ويس تہ ٻوءِ مون کي بلهي شاهہ ئي اچي اٿاريندو.“ هن بيٺي بيٺي آواز ڪڍيو.

چل بلهيا چل او تي چلئي، جتي ساري انِّي،
نہ ڪوئي سادي جات پڇاني، نہ ڪوئي سانون مني.

(هل بلهي شاهہ اتي هل، جتي سڀ انڌا هجن ..... جتي نہ ڪوئي انسان جي ذات ڇاڻي نہ ڪوئي مڃي.)

ڪريم ان بند کي ٻيهر ڳائي جلدي ڏاڪڻ لهڻ لڳو. جڻ جيڪڏهن هو بيهي رهيو تہ نہ ڄاڻ ڪيتري دير بيهي رهي.

هو هليو ويو...... پر هن جو آواز ڪيتري ئي دير اتي ڪمري ۾ موجود رهيو. سنجي ان آواز جي جادوءَ ۾ ويڙهيو چپ چاپ هنڌ تي ويهي رهيو.....
ڪمري ۾ انڌيرو ٿي ويو هو.

ان وقت هڪ اونهي ساهہ سان گڏ سنجي جي وات مان نڪتو: ”يار بلهي شاهہ! ٻيو ڪيڏانهن ويندين. هتي رهہ، اسان جي دنيا ۾ هتي توکي ڪير ٿو سڃاڻي؟ تو اها ڳالهہ تڏهن ڪئي هوندي، جڏهن ماڻهو اکين وارا هوندا.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

مارچ جو مهينو هو. جن پبلشرن کي سرڪاري خريداريءَ جا حڪم ناما مليا هئا، اهي ڪين ٣١ مارچ تائين پورا ڪرڻا هئا. ڪيترن ئي پبلشرن وٽ اهڙا ڪتاب ٿوري تعداد ۾ هئا جن جي وڌيڪ ڪتابن جا حڪم مليا هئا. ان ڪري ڪافي ڪتاب فرمي جا پروف پورا ڪري سنجي باقي آلا پروف هڪ لفافي ۾ وجهي ڇڏيا ۽ اٿندي هن کان پڇيو: "هن مهل ساڍا ٻارهن وڳا آهن، ايندڙ فرمو ڪيتري وڳي ڇپبو؟"

پريس جي مالڪ جلدي وراڻيو: "نه، هي ڪم پورو ڪري ئي وڃو، بس پهريون ڇپجندي ئي ٻيو چاڙهينداسون."

ڪريم ٻڌي رهيو هو. مالڪ جي ڳالهه ۾ هو ڪڏهن به دخل نه ڏيندو هو پر اڄ هو ترسي نه سگهيو. چئي ڏنائين: "ننڍي مشين آهي ٻه پنائين، چار چار فرما ڇپبا. هي فرمو چار ڀيرا مشين تي چڙهندو، هن ڪي ڇپجندي ڇپجندي ته شام جا پنج لڳي ويندا."

مالڪ ڄاڻي پيو ته وڏي مشين ڪالهه کان خراب آهي ۽ ڪريم صحيح ٿو چوي، تڏهن به چيائين: "پوءِ به ٽين ساڍي ٽين وڳي تائين اسان کي فرمو ملڻ ئي گهرجي. غلطيون درست ڪرڻ ۾ به هڪ ڪلاڪ لڳي ويندو آهي."

ٻيو ڪوئي هجي ها ته سنجي اتي ئي ويهي ٻيا سورنهن صفحا پڙهي وٺي ها، پر اڄ سندس ٿڪل اکيون لفظن تان ترڪي ترڪي ٿي ويون، انڪري لفافو کڻي اٿندي هن چيو: "ٺيڪ آهي مان ٽين وڳي اچي پروف ڏئي ويندس."

پنهنجي ڪمري ۾ اچي ڪيترائي ڀيرا سنجي پنهنجي اکين کي پاڻيءَ سان ڌوتو، پوءِ ڪوئي اڌ ڪلاڪ جي لاءِ اکيون بند ڪري هنڌ تي ليٽڻ لڳو ئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو تہ دروازو کڙڪيو. سنجي دروازو کوليو. ڪملا هئي ان رات کان پوءِ پهريون ڀيرو آئي هئي. سنجي ڪجهہ حيران ٿي هن ڏانهن نهاريو. هيءَ ان رات واري خزان جهڙي ڪملا نہ هئي.

"مون کي ڏهہ رپيا کپن، ڪتاب وٺڻا آهن." ڪملا چيو.

پر ائين جيئن ڪوئي پنهنجو حق سمجهي چوندو آهي، ائين جيئن هاڻ ڪڏهن ڪنهن جي ڪمري ۾ نہ ويندس، جو واعدو پورو ڪرڻ کانپوءِ ضرورت لاءِ پئسا وٺڻ کي پنهنجو حق سمجهيو هجائين.

اڄ هُوءَ گناهہ کان آزاد هئي.

سنجي کي هڪ سکل ٿاريءَ مان هڪ سائي پن جي نڪرڻ جو احساس ٿيو. هن ڪيسي مان ڏهہ رپيا ڪڍي ڏيندي چيس: "ڪملا! مون کي ڏاڍو سٺو لڳندو، جيڪڏهن تون پڙهندينءَ."

ڪملا ۾ نہ چاڻ ڪڏهن کان ڪهڙو احساس هو، هن ڏهہ رپين جو نوٽ وٺي گروءَ جا قدم چهيا ۽ پوءِ چپ چاپ ڏاڪڻ تان هيٺ لهي وئي.

سنجي کي اها رات ياد اچي وئي جڏهن هوءَ دريءَ وٽ بيهي چوڪيدار جي ڪندرن ڏانهن ويندڙ ٻتيءَ کي ڏسي رهيو هو، ۽ ڪملا پنهنجي ڪمري ڏانهن ويندي عمارت جي ديوار سان لڳي اوندهہ جو سهارو وٺي وڃي رهي هئي.

اڄ اها ٿي چوڪري آهي...... سنجي جي دل ڪلي پئي. جيڪا ڏينهن جي روشنيءَ ۾ ڪلندي آئي آهي، ڪلندي وئي آهي. ان ڏينهن ۽ اڄوڪي ڏينهن جي وچ وارو مفاصلو ڪيئن طءِ ڪري وئي. اهو سوچيندي سنجي کي لڳو، سندس سڄي ٿڪاوٽ دور ٿي وئي آهي.

هو هنڌ تي اکيون بند ڪري سمهڻ بدران پروف ڏسڻ لڳو.

سنجي پروف ڏٺا، چوڪيدار کان پرواري هوٽل مان ماني گهرائي کاڌائين ۽ گهڙيءَ ۾ وقت ڏٺائين. اڄان ٽن وڄڻ ۾ هڪ ڪلاڪ پورو پيو هو. هو بيفڪريءَ سان هنڌ تي ليٽي اينٿوني ڪوئين جي سوانح حيات پڙهڻ لڳو.

شهرت جي عروج تي بيٺل اينٿوني..... شهر جون امير ترين حسينائون ڪيس دعوتن جي ڪوٺ ڏئي رهيون آهن...... شهر ۾ هڪ ئي وقت ڪيترين ئي سينمائن ۾ فلمن جي نمائش هلي رهي آهي..... شهرجي هڪ ڇهہ منزلا عمارت هن جي ذاتي ملڪيت آهي..... هر منزل جا ڪمرا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

خوبصورت ٻتن سان سجايل...... تصويرن سان ۽ اڻ لڀ ڪتابن سان......۽ اوچتو...... ٿيٽر جي اسٽيج تي بيٺل اينٿونيءَ جو آواز سندس نڙيءَ ۾ ڄمي ويو....... گهبرائجي ڊاڪٽرن کي گهرايو ويو..... پر ڪٿي به ڪوئي مرض ڏسڻ ۾ نه ٿي آيو.......

”۽ وري هڪ آواز، صرف هڪ آواز چوي ٿو. هن جي نڙيءَ جي رڳ ۾ يا ته اهڙو ڪجهه ايري آيو آهي جيڪو ڏسڻ ۾ نه ٿو اچي.... يا.... يا.....“

اهو آواز اينٿوني جي ڪنن ۾ چوي ٿو. ”يا ڪوئي ڪوڙ تنهن جي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو آهي......“

سنجي ڇرڪي پيو، ڪتاب جي لفظن مان ايرنڊڙ اينٿوني ڪوئين جي ڇهري ڏانهن ڏسڻ لڳو.

ڇهرو اڃان مرڪي رهيو هو. نه ڄاڻ ڀري افق ۾ ڏسي رهيو آهي، سوچي رهيو آهي. ”ڪوڙ ته شايد هڪ هزار هوندا، پر اهو ڪهڙو ڪوڙ آهي، جيڪو منهنجي نڙيءَ ۾ ڦاسي پيو آهي؟ اهو جنهن اوچتو مون کي اپاهج بڻائي ڇڏيو آهي.“

۽ اينٿوني ڪوئين پنهنجي ان ڪوڙ کي ڳولڻ لاءِ پنهنجي پيدائش کان وٺي سڄي عمر جي يادگيرين کي ڦولهي ٿو.......

”يار اينٿوني!“ سنجي هوريان چيو، ۽ قدم سان قدم ملائيندي اينٿونيءَ سان گڏ هلڻ شروع ٿو ڪري......

هلندي هلندي نه ڄاڻ ڪهڙيءَ مهل سنجي کي شعور جو ٿڏو لڳو، ۽ سنجي گهبرائجي گهڙيءَ ڏانهن ڏٺو..... چار وڄڻ وارا هئا.......

هو جلدي اٿيو، ميز تان پروف کنيائين ۽ هيٺ ڏيڏيءَ مان سائيڪل ڪڍي ٿوري ئي دير ۾ پريس پهچي ويو.

ڀهريون فرمو اڃان ڪريم جي مشين تي ئي هو. سنجي اطمينان سان ڏٺو ته هن کان جيڪا ٿوري دير ٿي وئي اها دير ۾ شامل نه هئي. سرخرو محسوس ڪندي هو گهر موٽڻ وارو ئي هو ته پريس جي مالڪ چيس: ”اڄ ٿوري تڪليف ڪريو سنجي صاحب، آخري پروف به ڏسندا وڃو، مون کي ڪوئي هڪ ڪلاڪ لاءِ ٻاهر وڃڻو آهي.“

ٽي ڪمپوزيٽر سنجي جي آنڊل پروفن کي جلدي آڏو رکي هڪ هڪ نشان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبان مان ريڙهي، ٻي زبان ۾ ڪري ڇڏيندا آهن ۽ مواد جا ڍڪ پير ٿي پڃي پوندا آهن......"

سنجي کي ڪمپوزيٽرن جي ان ڄاڻ تي تعجب ٿيو. پڇيائين: "اوهان جڏهن ڪمپوز ڪندا آهيون تہ اوهان جو ڌيان صرف حرفن تي نہ، ڳالهہ ۾ بہ هوندو آهي؟"

"واهہ، ڇو نہ سائين!" هڪ ڪمپوزيٽر جيڪو سنجي کان ڪافي پري ويٺو هو، تفصيل سان ٻڌائڻ لڳو.

پر پرسان واري ڪمري ۾ هلندڙ مشين جي آواز ۾ هن جو آواز صاف ٻڌڻ ۾ نہ ٿي آيو. ان ڪري جيڪو ڪمپوزيٽر سنجي وٽ ويٺي مواد جا صفحا پڙهي رهيو هو، ٻڌائڻ لڳس: "ڪهاڻي سٺي هجي تہ توهان اسان کان بہ مواد منٽن ۾ تيار ٿي ويندو آهي. ڌيان ڳالهہ ۾ لڳي ويندو آهي تہ غلطيون بہ گهٽ ٿينديون آهن ۽ مواد بہ جلد پورو ٿي ويندو آهي. پر هي جيڪو سرڪاري دفترن جو ڪم هوندو آهي، هڪ تہ اهو هر روز هڪ ئي قسم جو هوندو آهي، جنهن کي ڏسي ئي اسان ڪڪ ٿي ويندا آهيون..... ٻيو هي هوندو آهي انگريزيءَ مان پنجابي يا هنديءَ ۾ ترجمو ڪيل ۽ اهو بہ جن کي ڪم ملندو آهي اهي تہ ڪندا ناهن، ٻين کان ڇٽي آني صفحو ترجمو ڪرائيندا آهن، پاڻ تہ بس صحي ڪري پئسا ميڙيندا آهن."

سنجي کي پاڙي واري ڳالهہ پوريءَ طرح واضح ٿي تہ پڇڻ لڳو: "۽ جيڪي ماڻهو قلم جي ٺيڪداري ڪندا آهن، انهن کي هڪ صفحي جا ڪيترا پئسا ملندا آهن؟"

"اها بہ اسان کي خبر آهي سائين." اهو ڪمپوزيٽر ٻڌائڻ لڳو. "ڪنهن دفتر مان تہ پنجويهہ رپيا ملندا آهن، هڪ هزار لفظن جا ۽ ڪنهن ڪنهن مان چاليهہ بہ ملي ويندا آهن." سنجي دل ۾ حساب لڳائڻ لڳو. جيڪڏهن معاوضو سٺو ملي تہ ترجمو ڪرڻ ڪافي محنتي ماڻهن لاءِ هڪ پيشو بڻجي پوي. پر سنجي جو اهو حساب ڪتاب اڌ ۾ ئي رهجي ويو، اهو ڪمپوزيٽر ٻڌائڻ لڳو.

"پر سائين اهو ٺيڪو وٺڻ جو بہ هڪ خاص طريقو هوندو آهي. ٺيڪي جي مال مان مٿي بہ ڪجهہ ڏيڻو پوندو آهي، ٻيو نہ تہ هٿ تہ جوڙڻا ئي پوندا



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آهن. ڪيترا آفيسر تہ اهو نيڪو پريس وارن کي ئي ڏئي ڇڏيندا آهن، اهي جيڪي بہ ڪتاب ڇپرائيندا آهن، ان مان هڪ حصو هنن جو بہ هوندو آهي. گڏوگڏ هنن کي بہ مزو . نہ هڪ حرف پڙهڻو نہ لکڻو ۽ حصو ڪرو. هوڏانهن آفيسرن جا بہ مزا رات و رات ڪتاب ڇپرائي مصنفن ۾ نالو لکائي ڇڏيندا آهن."

اوچتو ڳالهيون بيهي ويون، ڪوئي ٻاهريون ماڻهو مالڪ جو پڇائيندو پرسان اچي بيٺو. پريس جو مالڪ دفتر ۾ نہ هو، انڪري هو واپس وڃڻ لڳو تہ هن جي نظر سنجي تي پئجي وئي. "هيلو سنجي؟"

سنجي ڏٺو، سچاتائينس. هو هنس راج مدان هو. اڪيڊميءَ جو هڪ رڪن جيڪو ڪڏهن ڪڏهن شوقيا نظم بہ لکندو هو. معمولي ڄاڻ سڃاڻ هئس پر مدان اتساهہ سان هٿ ملايس تہ سنجي هن جي ويهڻ لاءِ ڪمري مان ڪرسي ريڙهي آيو.

"هي ڪو نئون ناول تہ ڇپجي؟" مدان ڪرسيءَ تي ويهندي پڇيو.

سنجي ڪلي پيو. "نہ، ناول ڇپجندي ڏسي رهيو آهيان."

"ڪو نئون ناول نہ لکيو اٿو؟" مدان عام سوال ڪيو. ڪنهن لکڻ واري جي ملڻ تي اهو ئي پڇيو ويندو آهي. سو هن بہ پڇي ورتس. پر ڏٺائين، سنجي جي چهري تي جواب ۾ ورن آيو ۽ هليو ويو، انڪري ڳالهہ بدلائيندي چيائين: "توهان جو پهريون ناول مون بہ ٻيرا پڙهيو هو."

باقي پروف سنجي جي ميز تي پهچي ويا، انڪري سنجي ڪجهہ بہ چوڻ بدران پروف ڏسڻ لڳو.

مدان اٿيو نہ، ائين ئي چپ چاپ ڪرسيءَ تي ويٺو رهيو. سنجي پروف ڏسي ڪاغذ ڪمپوزيٽر کي موٽائي ڏنا ۽ مدان ڏانهن ڏسي مرڪي چيائين: "مان پروف تمام سٺا ڏسندو آهيان."

مدان بہ جواب ۾ ڪلي ڏنو. پوءِ ڪجهہ جهجهڪندي چيائين: "ڪم پورو ٿي ويو؟ اچو، ٻاهر هلون. هتي ڏاڍي گرمي آهي."

سنجي جو ڪم پورو ٿي ويو هو، هن کي وڃڻو ئي هو، انڪري اندر مشين واري ڪمري ۾ وڃي هن ڪريم کي چيو: "چڱو ڪريم ميان! مان هلان ٿو. شايد سويل اچان." ۽ ٻاهر پنهنجي سائيڪل ڏانهن وڌيو، پر ڏٺائين مدان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سندس انتظار ۾ ورانڊي ڪان هيٺ بيٺو هو. سنجي سائيڪل نہ ڪنئين، هن سان گڏ چانهہ جي هوٽل ڏانهن ويو.

گهٽيءَ سان مليل هڪ ڊگهي ديوار هئي، خالي. جيڪا ڪميٽيءَ ڪار بيهارڻ لاءِ مقرر ڪري ڇڏي هئي. مدان گهٽيءَ طرف ورڻ بدران سنجي کي گڏ وٺيو ان ڊگهي ديوار سان گڏوگڏ هلندي جڏهن پريس ڪان ڪافي پري پهچي ويو، تہ هڪ جاءِ تي بيهي رهيو.

سنجي ڀانيو، ڪائي ڳالهہ ڪرڻ ٿو گهري، انڪري ان ديوار وٽ بيهي چيائين:

"ڇئو؟"

"اوهان جو ناول مونکي ڏاڍو پسند آيو هو." مدان ڌيمي آواز ۾ چيو، پر ائين جيئن اها ڳالهہ نہ پر ڪا ٻي ڳالهہ ڪندو هجي.

سنجي ان ڳالهہ جي انتظار ۾ صرف هن ڏانهن ڏٺو، چيو ڪجهہ بہ نہ.

"سنجي صاحب!"

مدان جي آواز ۾ وري جهجهڪ اچي وئي، پر ان سان ئي ڳالهہ کي ورجائي ختم ڪرڻ جو ارادو بہ..... هن پڇيو. "اوهان اڪيڊميءَ جو ايوارڊ چاهيو ٿا؟ پر ايترو جلدي ڇو؟ اجان تہ اوهان کي گهڻو ڪجهہ لکڻو آهي."

"مان-؟"

سنجي جو اهو هڪ لفظ ئي هڪ وڏي تعجب جي نشان جيان ڀوريءَ ديوار تي پکڙجي ويو. مدان، سنجي جي چهري تي آيل هڪ چڙهاءُ ڏٺو. انڪري هن ڳالهہ کي هلڪي انداز ۾ ادا ڪيو. "شايد اها ڳالهہ اوهان ڪنهن سان مشڪريءَ ۾ ڪئي هجي، پر اهڙي ڳالهہ تمام پري تائين پکڙجي ويندي آهي."

سنجي کي لڳو، ڳالهہ ڪجهہ سنجيده آهي، انڪري هن ڪجهہ چوڻ جي ضرورت سمجهي. چيائين: "اوهان چيو، اوهان منهن جو ناول پڙهيو آهي. منهنجو خيال آهي اوهان مون کي ان ۾ ڪجهہ چاتو بہ هوندو. اوهان پاڻ ٻڌايو تہ ڇا مان ائين سوچي سگهان ٿو؟"

سنجي چوڻ چاهيو تہ مون کي دنيا کان ڪجهہ وٺڻو ناهي. صرف جيڪو مون وٽ آهي خيالن جي شڪل، اها دنيا آهي...... پر اها ڳالهہ سنجي کي پنهنجي منهن سان چوڻ مشڪل لڳي انڪري اها نہ چيائين.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مدان اهي لفظ سنجي جي واتان تہ نہ ٻڌا، پر انهن کي سمجهي ورتائين انڪري چوڻ لڳو. "جيڪڏهن منهنجو بہ اهو خيال نہ هجي ها تہ مان اوهان سان اها ڳالهہ ڪيئن ڪريان ها؟ پر اها ڳالهہ ڪنهن تمام پري تائين پکيڙي ڇڏي آهي."

"ڪنهن-؟" سنجي سڌو سوال ڪيو.

مدان کي سڌو جواب ڏڪيو لڳو، پر هن چيو: "اوهان اڪيڊميءَ جي اصولن کان باخبر آهيو،جيڪڏهن ڪوئي مصنف پنهنجي لاءِ ڪنهن کان سفارش ڪرائي يا ووٽ گهري تہ اهو......" مدان کان پوري ڳالهہ چئي نہ ٿي پر سنجي ان کي پورو ڪري ڇڏيو.

"اهو بيلڪ لسٽ ڪيو ويندوآهي."

"ها-!" مدان آهستي صرف ايترو چيو.

سنجي جا چپ پنهنجي ئي ڪل ۾ لڪي ويا. چيائين: "سو مان بليڪ لسٽ تي رهيو آهيان."

"مون کي ان ڳالهہ جو ڏک ٿيو هو، انڪري مون کان رهيو نہ ٿيو. اوهان کي ڏنم تہ ٻڌائي ڇڏيو مانوَ."

مدان جي چهري تي سنجي لاءِ لڳاءُ پيدا ٿيو ۽ دلي ڪيفيت جڻ چهري مان جهلڪي آيس چوڻ لڳو: "پر اهو سڀ ڪجهہ زباني چيو ٿو وڃي، ڪنهن وٽ لکت ۾ ڪوئي ثبوت ڪونهي..... اهو تي نہ سگهندو!"

سنجي مُرڪيو. "بليڪ يا وائيٽ هڪ ئي ڳالهہ آهي. مان ڪنهن لسٽ ۾ نہ آهيان ۽ نہ ٿيندس."

سنجي پوئتي ورڻ وارو هو تہ مدان چيو: "پليز سنجي! اوهان اي. سي مهرا يا ڪنهن جي آڏو منهنجو نالو نہ ڪڍجو تہ اها ڳالهہ مون اوهان کي ٻڌائي آهي." سنجي جا پوئتي ورندڙ قدم حيرانيءَ مان بيهي ويا ۽ وري اوچتو هن کان ڪل نڪري وئي.

"سچ مدان صاحب! اڄ مون زندگيءَ جو سڀ کان وڏو مذاق ٻڌو آهي."

مدان سنجي جي ڪل ڪان ڪجهہ حيران ٿي ويو. هن چيو: "هونءَ تہ ڪيترا ئي پيرا ڳالهيون پکڙبيون رهنديون آهن. پر اوهان جو ڪوئي مهربان....."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ ڪريم گيٽ سان لڳو بيٺو آهي.

"ڏاڍي دير ٿي وئي ـــــ مون کي ڊپ هو تہ تون ڪٿي واپس نہ هليو وڃين." سنجي سائيڪل تان لهندي چيو. پر ڪريم کلڻ لڳو.

"سنجي صاحب! جيڪڏهن ڪريم کي آزمائڻو هوءِ تہ چڱيءَ طرح آزمايو ها، هُو تہ حشر جي ڏينهن تائين بيٺو رهي ها."

سنجي کي لڳو، ڪريم جي هڪ ئي ڳالهہ هن کي سوگهو ڪيو آهي.اندر ڏيوڍيءَ ۾ سائيڪل رکي، هو پنهنجي ڪمري ڏانهن ڏاڪڻ چڙهڻ لڳو ۽ ڪَمري جو دروازو کوليندي چوڻ لڳو: "ڏس ڪريم ميان! مون چاتو ٿي، جيڪڏهن تون اچي ويندين تہ سنجي بہ گهر اچي ويندو."

"جناب ڪيڏاهن ويا هئا، جتان اچڻ مشڪل هو؟" ڪريم کلڻ لڳو.

"ڪجهہ ڏورانهين دنيا ۾ هليو ويو هوس، جتان موٽندي گهر نہ ٿي مليو."

سنجي جيتوڻيڪ کلي جواب ڏنو هو، پر ڪريم سنجيدو ٿي ويو. چيائين: "اها تہ راز جي ڳالهہ آهي." سنجي بہ گلاس ڏوتا، رم جي بوتل کوليائين ۽ ٿڌي پاڻيءَ جي گهگهي پرسان رکي، هنڌ تي، ڪريم جي پرسان ويهندي چيائين: "راز جي ڳالهہ ناهي، ڪريم يار! بس اڄ توسان ملي بلهي شاهہ ٿيڻ تي دل ٿي چوي."

ڪريم پنهنجي رم جو گلاس سنجي جي گلاس سان ٽڪرائيندي چيو: "چڱو سائين، پوءِ اڄ جو نشو پنهنجي شاهہ عنايت جي نالي تا پيئون."

سنجي گلاس مان هڪ وڏو ڍڪ پريو ۽ پڇيائين: "شاهہ عنايت ڪير آهي؟"

"جنهن کي پير مڃي بلهي شاهہ، بلهي شاہ بڻيو هو." ڪريم ٻڌايس.

"چڱو ميان اهو ٻڌاءِ!" سنجي هڪ سوچ ۾ ٻڏي پڇيو: "هير جو پورو قصو تو پڙهيو آهي....؟"

ڪريم کلڻ لڳو: "پڙهيو بہ آهي ۽ ياد بہ ڪيو آهي."

"پوءِ يار ٻڌاءِ! رانجهو ڪير هو؟"

سنجي جو سوال ڪريم کي سمجهہ ۾ نہ آيو. پر چيائين: "رانجهو اهو ماڻهو هو، جنهن کي ڏسي هير کي خدا جو ديدار ٿيو هو."

"تون پڪ سان چائين ٿو؟ تو اهو لکيل پاڻ پڙهيو آهي؟" سنجي پڇيو تہ ڪريم کي لڳو رم جي ٻن ڍڪن ۾ سنجي وقلي پيو آهي. سنجي زور ڏئي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجي ڪريم جي گلاس ۾ رم وڌو. گهگهيءَ مان پاڻي وڌو ۽ پنهنجي لاءِ هڪ سگريٽ دکائيندي هن ڏانهن ڏنو.

ڪريم چيو: "اها به ڪا مڃڻ واري ڳالهه آهي، معنيٰ اوهان هن کي ايلاز ڪري رهيا آهيون. هن ڪتي جي پچ ڪي. مون ته اها ڳالهه ٻڌي اتي ئي ٽڪي ڇڏيو هو."

سنجي کي ان مهل ڪريم پاڻ کان وڏو لڳو. مون اها تهمت ٻڌي هڪ منٽ به اداس ٿيڻ جي زحمت نه ڪئي ۽ سنجي کي پنهنجي اڄوڪي اداسيءَ تي شرمندگي ٿي.

ڪريم اڄ اداسيءَ جي نبض سڃاڻي ورتي هئي، انڪري هن جو سڄو فڪر ختم ٿي ويو. هن گلاس مان هڪ وڏو ڍُڪ ڀريو ۽ ڪن تي هٿ رکي ڪافيون ڇيڙيون.

تون عاشق هوئيون رب دا، تينون هوئي ملامت لاڪ،
تينون ڪافر ڪافر آکري، تون آهو آهو آک.

۽ سنجي سچ پچ هوش ۾ اچي ويو. پنهنجو پاڻ ۾ اچي ويو. ڪافي اوندهه ٿي وئي هئي، جنهن وقت ڪريم ويو.

سنجي هوش ۾ هو. هن کي لڳو. هنڌ تي جنهن جاءِ تي ڪريم ويٺو هو، شايد ڪريم نه پاڻ بلهي شاهه ويٺو هو. اها جاءِ هميشه جي لاءِ روشن ٿي وئي.

سنجي هنڌ جي سامهون بيهي هڪ سر آلاپيو.

"اوهه بلهيا! تينون ڪافر ڪافر آکري، تون آهو آهو آک."

سنجي جي آلاپ ۾ ڪريم جي آواز وارو سوز نه هو. پر دل ۾ ڪوئي درد هو، پنهنجو آواز ڪنن کي وڻيس ٿي......

اڄ جو ڪوڙ هن ٻڌو هو، اهو هن جي ڪنن ۾ نه پر نڙيءَ ۾ اڙي پيو هو..... ۽ هاڻ ڪافر ڪوٺ چاڻٺي به، "ها" چوڻ واري بلهي شاهه جا ٻول ڪنن ۾ پئجي ويا هئس، ڪنن ۾ جو ڪجهه پئجي ويو هوس، ڳهي ويو......

سنجي جي دل تان بار جهڪو ٿي ويو ۽ جسم به، ۽ هن اڄ منجهند واري اينٿوني ڪوئين جي ڪتاب ڏانهن نهاريندي چيو: "يار اينٿوني! صرف تو ئي ڄاتو هو ته ڪوئي ڪوڙ نڙيءَ ۾ ڦاسي پوي ته ڇا ٿيندو آهي، ڏسَ ڪنن ۾ به اٽڪي پوي ته ڪهڙو حشر ٿيندو آهي."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

اوچتو سنجي جي نڙيءَ ۾ به نه، ڪنن ۾ به نه، پر اکين ۾ ڪجهه اٽڪي پيو. هاڻ ته ٽپالي اهو رسالو ڏئي ويو هو، جنهن ۾ سنجي جي ڪهاڻي ۽ تصوير ڇپي هئي. هن ڇپيل ڪهاڻيءَ جون ڪئين پيرائون پڙهيون. ڪهاڻي پنهنجي ئي لکيل هوندي آهي، پر هر لکڻ واري جي اها فطرت هوندي آهي ته هو ڇپيل ڪهاڻيءَ کي پاڻ به پڙهندو آهي. شايد انڪري جو ان ڏينهن هو لکڻ وارو گهٽ ۽ پڙهڻ وارو وڌيڪ ٿي ويندو آهي.

ڪهاڻيءَ جا ڪيترا حصا هن جي ذهن کي اهڙيءَ طرح لڳا جو جڏهن پنهنجي تصوير تي نظر پيس ته اها تصوير ڪنهن ستن سالن جي ٻار جي بڻجي وئي...... "راهلُ" سنجي جي واتان گهبرائجي نڪتو. ان تصوير واري ٻار جو نالو وٺي مخاطب ٿيندي چيو. ڇڻ چوندو هجي، هيءَ ڪهڙي مذاق آهي؟

"تنهنجو نالو راهلُ آهي، ڏس....."

"صرف ڪهاڻيءَ ۾ لکيل آهي...."

"پر ڪهاڻيءَ ۾ ته گهڻو ئي ڪجهه فرضي هوندو آهي، سو، نالو به...."

"نه، ڪهاڻي فرضي ناهي، صرف نالو فرضي آهي....."

"تنهنجو نالو؟ مان ڇا ڄاڻان ته تنهنجو نالو ڇاهي؟"

"تون ڄاڻين ٿو."

"نه، مون اها ڪنهن خاص ٻار تي نه لکي آهي. پر ان عام ٻار تي لکي آهي، جيڪو جائز ٻار نه ڪوٺيو ويندو آهي، جيڪو هيڪلائي ۽ اداسي برداشت ڪندوآهي....."

"ڇا ڇيئڻ ۽.....؟"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اهو ئي تہ جيڪو جائز ٻار نہ ڄڻائيندو آهي......"

"تون اها ڳالهہ ڇو نہ ٿو چوين، جيڪا چوڻ گهرجي....."

"ڇا؟"

"تہ جنهن ٻار کي حرامي چوندا آهن......"

"ساڳي ئي ڳالهہ آهي."

"نہ ساڳي ڳالهہ ناهي."

"ڪيئن؟"

"اهو لفظ هڪ زخم آهي، رت سان ڀريل زخم، تو ڪهاڻيءَ ۾ زخم کي ڏيکاريو آهي، پر ڪپڙي سان ڍڪي....."

"تون ڪير آهين؟"

"اهو ئي ستن سالن جو ٻار، جنهن جو تو ڪهاڻيءَ ۾ ذڪر ڪيو آهي."

"راهُلَ!"

"نہ، منهنجو نالو راهُلَ ناهي."

"اهڙا اداس ٻار ڪافي هوندا آهن. سوين، شايد هزارين......"

"هوندا."

"پر ڪنهن ڪهاڻيءَ ۾ هزارين نالا لکڻ گهربا هئا."

"پوءِ هڪ نالو ڪهڙو بہ ٿي سگهي ٿو، راهُلَ بہ ڪو ٻيو بہ......"

"گولا ڪبوتر جو ناهي؟"

"مون ڏانهن نهار!"

۽ سنجي ويهہ سال کن پوئتي نهار ڪئي. هو ڏيوڍيءَ جي فرش تي، ديوار سان لڳي هٽ ۾ ڪيترن رنگن جا چِدا ڪنبو بيٺو آهي. بڪ وکهي وات سڪي نوٽ ٿي ويو اٿس..... ساجهر اسڪول وڃڻ تائين ماني تيار نہ ٿي هئي. انڪري ماڻس سندس هٿ ۾ چار آنا ڏنا هئا تہ هُو اسڪول ۾ نيرن جي موڪل مهل ڪجهہ وٺي کائي. پر هن ڪجهہ بہ نہ کاڌو هو ۽ اسڪول جي دُڪان تان ڇئين آني جا چِدا وٺي ٿيلهي ۾ رکي ڇڏيا هئا..... پر ان وقت ڪيس بڪ ياد نہ هئي..... هُو بڪ ۾ سڪل وات هوندي بہ خوش هو.

"ڏنئہ!" تصوير واري ٻار جو آواز آيو.

سنجي اکيون ڇنڀي تصوير ڏانهن نهاريو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”تنهن جو نالو گولا ڪبوتر ڪنهن رکيو هو؟“ ٻار پڇيو.....
شايد دائيءَ......... پر وري سڄو ڳوٺ ئي ان نالي سان سڏڻ لڳو هو.“
”ها منهن جو وڏو ڀاءُ.“
”هو تنهن جو وڏو ڀاءُ هو. پر ماٽيلو..... سندس نالو ڇا هو؟“
”پرشوتم.“
”اڄ به هن جو نالو ٻڌائيندي تون ڊڄين ٿو؟“
”ڊپ؟“
”هن کي ڳوٺ وارا جابلو ڪانءُ چوندا هئا......“
”ها. چوندا هئا. پر اها ته مذاق هئي، صرف ان لاءِ ته هو ڪجهه ٿلهو هو ڪارو به، ۽ ويڙهو به........“
ڳوناٺا اهڙيءَ نموني شڪل ۽ فطرت کي ڏسي نالو رکي ڇڏيندا هئا.....
ماٺهو توهان ٻنهي کي انهن نالن سان ڪوٺيندا هئا پر توکي ياد آهي. تو ڪڏهن به هن کي انهيءَ نالي سان نه سڏيو هو، نه هن ئي توکي..... ها، مون هن کي جابلو ڪانءُ ڪڏهن به نه چيو هو. نه هن ئي مون کي ڪڏهن گولا ڪبوتر ئي ڪوٺيو.
”ڇو؟“
”خبر ناهي.“
”توکي خبر آهي. تون هن کان ڊڄندو هئين. انڪري نه چوندو هئين، ۽ هو صرف ان ڪري جو هو توکان نفرت ڪندو هو.“
”شايد....... پر مان ڪيس هميشه ادا پرُو چوندو هوس.“
”۽ هو توکي؟“
”هو...... هو ڪجهه به نه.“
”هو توکي هميشه حرامي چوندو هو.“
”ها...... پر هو ته سيني کي گاريون ڏيندو هو. پنيان هو پنهنجي پيءُ کي...... ڪراڙو ڪنجر چوندو هو.“
”اصل ۾ هو پنهنجي پيءُ کان خفا هو، ڇو جو سندس ماءُ جي مرڻ کان پوءِ سندس پيءُ ٻي شادي ڪري ورتي هئي.“
”هن جو پيءُ تنهن جو پيءُ به هو، پر جڏهن هُو هُن کي گار ڏيندو هو،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توکي منيان نہ ونندي هئي؟"

"مون کي گاريون ڏاڍيون خراب لڳنديون آهن. پر شايد ڪاوڙ نہ ايندي هئي."

"ڇو؟"

"شايد انڪري جو......."

"هو صرف پنهنجي ئي پيءُ کي گاريون ڏيندو هو، ڪنهن ٻئي جي پيءُ کي نہ........"

"هان!"

"تنهنڪري تون پنهنجي ئي پيءُ کي صرف هن جو پيءُ سمجهندو هئين، پنهنجو پيءُ نہ......"

"هُو سچ پچ هن جو پيءُ وڌيڪ هو."

"پيءُ گهٽ يا وڌ بہ ٿيندو آهي؟"

"خبر ناهي، پر هو مون کي هُن جو ئي لڳندو هو."

"نہ. مون کي پڪي طرح ياد آهي منهِن جو پيءُ منهنجي ماءُ کي ڪٿان ڪٿي يا خريد ڪري نہ آيو هو، شادي ڪري وٺي آيو هو. ۽ مان اهڙيءَ طرح گهر جو ٻار هوس، جيئن هو ٻهريون هو......"

"تنهن ڪري تو ان ڏينهن بکيو رهي شيشي جا چِدا خريد ڪيا هن کي ڏيڻ لاءِ. ٻُرو ڪافي ڏينهن کان چدا وٺڻ لاءِ پئسا گهري رهيو هو، پر هن کي پئسا نہ ٿي مليا."

"تو اهي چدا ڏئي کيس خوش ڪرڻ پئي چاهيو......"

"ها"

"سو تون هن کي رشوت ڏيڻ چاهين پيو."

"رشوت؟ نہ. مان صرف اهو پئي چاهيو تہ هو مون کي پيار ڪري......."

"انڪري تون سندس پيار حاصل ڪرڻ لاءِ سڄو ڏينهن بک تي رهئين...... پوءِ هو خوش ٿيو هو."

اڄ ستاويهين سالن جي عمر ۾ بہ سنجي جي اکين ۾ پاڻي ڀرجي آيو. ڳالهايو نہ ٿي ٿيس. هن ميز تي پيل رسالي جا ورق ورايا تہ اها تصوير لڪائي ڇڏيائين، جنهن ۾ ستن سالن جو سنجي ڪهاڻيءَ جي سٽ سٽ مان نڪري



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

آيو هو...... پر سٺن سالن جي عمر جو اهو ٻار جهڙيءَ ريت ڪهاڻيءَ جي سٽن مان نڪري تصوير ۾ هليو ويو هو، تصوير مان نڪري ڪمري ۾ هليو آيو...

سنجي بستري تي ويٺي ڇرڪي پيو......

”تون مون کي ڏسڻ نہ ٿو گهرين؟ توکي منهن جي تصوير پسند نہ آئي؟ ٻار بستري جي آڏو بيهي پڇيس.“

”پر اخبار ۾ منهنجي تصوير ڇپي آهي، تنهنجي نہ.“

”انڪري تون چاهين ٿو تہ مان اتي بيٺو رهان، دروازي جي پويان، هٽ مان رنگين چِدا هن ڪسي ورتا هئا، جڏهن تو مٽ کولي هن کي ڏيکاري هئي. ۽ هن پيارڪرڻ بدران مون کي زوردار چماٽ هڻيون هئي.“

”تون سوچي رهيو هئين، اڄ هو مون کي گولا ڪبوتر چوندو.“

”پر هن چيو هو، حرامي! هي چدا ڪٿان ورتا اٿئي؟“

”۽ تون ديوار سان لڳي روئي رهيو هئين.“

”مان اڄان تائين ان ديوار وٽ ئي بيٺو آهيان.“

”پوءِ هتي منهنجي ڪمري ۾ ڪيئن اچي وئين؟“

”تنهنجي ڪهاڻي پڙهي...... منهنجو مطلب آهي پنهنجي ڪهاڻيءَ پڙهي. پر اها تہ تنهنجي ڪهاڻي ناهي. اها هڪ ناجائز ٻار جي ڪهاڻي آهي. تو پنهنجو پاڻ کي ناجائز ڪيئن ڄاتو آهي؟“

”مان نہ، تون ٿو سمجهين اڄان تائين.“

”نہ، مان نہ ٿو سمجهان.“

”توکي اهو ڏينهن ياد آهي جنهن ڏينهن تنهنجي ماءُ ڪنيئون پڇايون هيون. تڏهن تون مشڪل سان پنجن سالن جو هوندين.“

”مون کي اها ياجي تمام گهڻو وٽندي هئي.“

”پر ان ڏينهن ماني کائيندي تنهنجي پيءُ ڇا چيو هو؟“

”هن مون کي چيو هو تہ جيڪڏهن تنهن جي ڏاڏي زنده هجي ها تہ اها پلجي بہ ماني نہ کائي ها.“

”پوءِ؟“

”مون پڇيو هو ڇو؟ تہ هن ٻڌايو هو تہ حرام جي پيداوار جيڪا بہ هوندي آهي، هندو ماٺهو بورچيخاني ۾ ڪٽي ئي نہ ويندا آهن.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”پوءِ؟“

”مان ڪلڻ لڳو هوس. مون چيو هو. مون کي ڏاڍيون لذيذ لڳيون آهن ۽ امان کي چيو هوم امان، تون هيءَ حرام جي سبزي روز پچائيندي ڪر.“

”پوءِ؟“

”بابا به ڪلڻ لڳو هو. پوءِ هن ماني کائيندي مون کان پڇيو هو. ”ڪبوتر! توکي خبر آهي ته حرام ڇا هي؟“ مون چيو هو. ”نه.“

انهيءَ تي هن ٻڌايو هو ”ڪنهن جو ٻج ڪوبه نه پوکيندو آهي، هي پنهنجو پاڻ ٿي ڦٽي پونديون آهن، انڪري حرام جون سڏبيون آهن..... ٻج..... ته پيءُ هوندو آهي، هنن جو ڪوبه پيءُ ناهي.“

”تنهنڪري، توکي ان ڏينهن خبر پئي ته حرامي ٻار ڇا ٿيندو آهي؟“

”ها، ان ڏينهن، پر ماني کائڻ کان پوءِ، جڏهن بابا مون کي موڙي تان ڪٺي پنهنجي هنج ۾ ڪنيو هو ۽ پيار ڪندي هن امان کي چيو هو: هي پورو ڪنيءَ جهڙو ڇوڪرو تون ڪٿان ڪٺي آئي هئينءَ؟“

”پر تو اڃان هاڻي چيو ته تنهنجو پيءُ صرف پنهنجي وڏي پٽ کي پيار ڪندو هو، توکي نه.....“

”مون اهو نه چيو هو ته هو مون کي صرف پروءَ جو پيءُ لڳندو هو، پنهنجو نه.“

”پر ڇو؟“

”ڇو جو مان پورو هوس ڪنيءَ جهڙو ۽ منهن جي ماءُ مون کي ڪنيءَ جيان ڪٿان ڪٺي آئي هئي.“

پوءِ؟ ”

”مان ڪاوڙ مان پيءُ جي هنج مان اٿي ويو هوس ۽ ڊڪي وڃي امان جي چنگهن سان چنبڙي پيو هوس.“

”تون اڄ به اهو ٿو سوچين ته اهو پيءُ تنهنجو پيءُ نه هو؟“

”نه پر تڏهن مان ننڍو هوس. مان ان مذاق کي سمجهيو ئي نه هو.

”پر تون ڄاڻين ٿو اهو پنجن سالن جو گولا ڪبوتر اڄ به ماءُ جي ٽنگن سان چنبڙيو پيو آهي؟“

”اهو ڪيئن ٿو ٿي سگهي؟ امان ته هاڻ زنده ناهي.“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ اوپر ڪان اولهہ تائين پکڙيل بي شمار چھرا ڪتابن جي ورقن مان نڪري ٻاهر سنجي جي ديوارن تي اچي ويا.....

۽ سنجي کي محسوس ٿيو، تہ سندس چھرو بہ بي شمار چھرن ۾ ملي ويو آهي...

هن پاڻ کي هيڪلو محسوس نہ ڪيو. نہ ماٺ هو. سندس هٿ ۾ بہ اهو ئي هٿيار آهي جيڪو رامائڻ لکڻ مهل والميڪ جي هٿن ۾ هو.

هن اهو سمجهي ورتو حرفن جا هٿيار ڪنهن ٻئي جي نہ پر پنهنجي ئي رت ۾ ٻڏل هوندا آهن......

سنجي هڪ پيار ڀري نظر سيني چھرن تي وڌي، پنهنجي چھري کي بہ ڏنائين.

کيس محسوس ٿيو تہ وقت هر چھري کي هر زماني ۾ ڪافر چيو آهي ۽ هر چھري رد عمل جي طور تي بلهي شاهہ جيان "ها" ڪئي آهي. اها "ها" هڪ وڏي طاقت آهي. تمام وڏي بغاوت........

ان ڏينهن جڏهن ڪريم بلهي شاهہ جو ڪلام ڳاتو هو. اها "ها" بلهي شاهہ جي هئي.

هن صرف اُن کي ٻڌو هو، اڄ اها ها سندس چپن تي اچي وئي آهي. هن جي پنهنجي طاقت بڻجي، هن جي پنهنجي بغاوت بڻجي.....

چوڪيدار دروازو کڙڪايو نہ پر ائين زور سان کڙڪايائين ڄڻ دروازو ڀڃندو هجي...... دروازو کوليندي ئي سنجي جي نرڙ ۾ گهنڊ پئجي ويو.

چوڪيدار سهڪي رهيو هو. چيائين: "ساب! جلدي هيٺ وڃو..... هتي باغيچي ۾ هُوءَ مٿين منزل واري ڪري پئي آهي..... هتي باغيچي ۾ پسار ڪري رهي هئي، گهمندي گهمندي ڪري پئي......"

"تہ بهادر! مٿي وڃي سندس گهروارن کي ٻڌائين ها......"

"مٿي تالو لڳو پيو آهي ساب! ڪوئي بہ ناهي اتي، سڀ فليٽ جا ساب ڪم تي هليا ويا آهن....."

هي صبح جو لڳ ڀڳ سادي ڏهين وڳي جو وقت هو. سنجي کي خيال آيو، هُو سچ پچ ڏينهن جي مهل، آچر کي ڇڏي، سڄي عمارت ۾ هيڪلو مدد لاءِ ئي رهجي ويندو هو ۽ اهڙيءَ مهل گهبرايل چوڪيدار ٻئي ڪنهن کي ڪوئي سگهيو ٿي؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

شايد انڪري جو ڪيس ھن جي گوڏ ڪيلي جي پڻ جھڙي ئي لڳي ۽ ھن جو چھرو ڪيلي جي ڦڪي ميوي جھڙو.....

عورت وري اٿڻ جي ڪوشش ڪئي، ۽ ڪجھہ ڏڪندي ڪيلي جي ٿڙ جو سھارو وٺي بيھي رھي......

"توھان شايد ڊڄي ويون ھيون، مون کي لڳي ٿو. مون اوھان جي ڪيھہ ٻڌي ھئي." چوڪيدار چيو تہ عورت مرڪي ڏنو ۽ چيائين:

"ھا، لڳي ٿو ڊڄي وئي ھئس- ھاڻ ٺيڪ آھيان."

سنجي ھٿ جو سھارو ڏيڻ چاھيس، پر عورت نہ ورتو، ھوريان ھوريان ھلي عمارت ڏانھن موٽڻ لڳي.

سنجي اجان تائين ڪجھہ پڇيو نہ ھوس، ھاڻ صرف ايترو پڇيائينس:

"ڏاڪڻ چڙھي سگھنديون؟"

"ھا." عورت جي آواز ۾ نرمي ھئي. پر سندس اکين ۾ ان کان بہ وڌيڪ نرمي اچي وئي. شايد ڪنھن کي خواھہ مخواھہ زحمت ڏيڻ جي خيال کان ۽ ھن ڪجھہ حياء سان سنجي ڏانھن ڏٺو.

ھيٺينءَ منزل جي درين کان ھڪ ٻي عورت ٻاھر ڏٺو. پر ڪابہ ٻاھر نہ آئي. ھن ڏاڪڻ چڙھندي چوڪيدار کان پڇيو: "ناني ٻاھر وئي ھئي، اڃي وئي؟"

"اجان ڪٿي، متي تہ تالو لڳو پيو آھي. تڏھن تہ سنجي ساب کي سڏي آيو ھوس" چوڪيدار چيو تہ عورت ڇرڪي سنجي ڏانھن نھاريو.

"ڪنھن شيءِ جي ضرورت ھجي.... ڊاڪٽر جي... .ياڪنھن بہ شيءِ جي....؟"

سنجي ڏاڪڻ چڙھندي ھن کان پڇيو.

مائيءَ شايد اھا ڳالھہ نہ ٻڌي، چيائين: "اوھان سنجي آھيو.....؟"

لفظن ۾ سوال ھو، پر ائين جيئن ڪجھہ پڇڻ لاءِ نہ ھجي..... صرف ياد مان نڪتل ھڪ سڃاڻ ھجي......

پھرين منزل جي ڏاڪڻ پوري ٿي وئي، پر عورت مان ٻي منزل جي ڏاڪڻ چڙھڻ جي ھمت بہ ختم ٿي وئي ھئي.

ھوءَ ٻيءَ ڏاڪڻ جي سري تي بيھي سھڪڻ لڳي.

اتي ئي ڏاڪڻ جي سري وٽ ڪاٻي پاسي سنجي جي ڪوٺي ھئي. سنجي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي حيرانگي تہ ٿي تہ عورت نہ ڄاڻ ڪهڙيءَ سڃاڻ سا هن جو نالو دهرايو هو. پر هن ڪجهہ پڇيو ڪونہ صرف ايترو چيائين.

"جيڪڏهن ڏاڪڻ چڙهڻ مشڪل آهي تہ ٿوري دير منهنجي ڪمري ۾ ويهو." هن انڪار نہ ڪيو. انهيءَ ڪري سنجي جلدي اڳتي وڌي ڪمري جو اڌ ڀيڪڙيل دروازو کولي ڇڏيو. هوءَ ڪمري وٽ آئي پر ٻاهر چائنٽ وٽ بيهي رهي، جڻ ڪمري ۾ ويهڻ لاءِ نہ صرف هڪ نظر ڪمري کي ڏسڻ لاءِ آئي هجي. چيائين: "پنهنجو ڪوئي ڪتاب ڏيندؤ. هڪ ڏينهن لاءِ. پنهنجو لکيل..."

سنجي حيران ٿي هن ڏانهن ڏٺو ۽ چيو: "منهنجو خيال هو، هن سڄي عمارت ۾ ڪوبہ نہ ٿو ڄاڻي تہ مان ڪجهہ لکندو آهيان......"

سنجي رئنڪ تي پيل اهو رسالو کنيو جنهن ۾ هن جي نئين ڪهاڻي ڇپي هئي ۽ اهو ئي ڏيندي چيائين: "ڇا پڙهڻ واري کي صرف لکڻ واري جو نالو معلوم هجڻ گهرجي؟ لکڻ واري کي پڙهڻ واري جو نہ؟ اوهان جو نالو ڇا آهي؟"

"ميتا!" عورت چيو ۽ اوچتو هن جي چهري تي لالي ڦري وئي.

ڪيلي جي لڏندڙ پن جيان سنجي پنهنجي جسم ۾ هڪ لرزش محسوس ڪئي. پاڻ تي وري تعجب ٿيس تہ اجان هڪ پل پهرين، جڏهن عورت جي چهري تي لالي آئي هئي، تہ مون کي وري ڪيلي جي ان گل جو احساس ڪيئن ٿيو جيڪو صرف ڦڪو نہ هوندو آهي ان ۾ سنهڙيون ڳاڙهيون ليڪون بہ هونديون آهن.

"مان روز ممتوءَ کي چوندي هئس، هن جمعدار چوڪري کي تہ مون کي اوهان وٽان ڪو اوهان جو ڪتاب وٺي اچي ڏئي."

ميتا چيو تہ سنجي کي ڪل اچي وئي. پڇيائينس: "اها منهنجي لکڻ پڪڻ جي ڳالهہ ان ٻڌائي هئو؟"

"ها، پهرين ئي ڏينهن ، جڏهن گذريل آچر تي هو هيٺان منهنجون شيون کڻي مٿي آيو ٿي، ڪجهہ ڪتاب بہ هئا، ۽ انگريزي ڪتابن کي ڏسي ئي چيو هئائين تہ هتي ٻيءَ ماڙيءَ تي اهو صاحب رهندو آهي، جيڪو ڪتاب لکندو آهي. ان ڪان ئي مون اوهان جو نالو ٻڌو هو."

"هو منهن جو بابو گرافر آهي." سنجي اهڙي سنجيدگيءَ سان چيو جڻ ڪائي وڏي رازداريءَ واري ڳالهہ چئي هئائين. ميتا کلي ڏنو.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجي ان وقت تائين هن ڪان اهو نہ پڇيو هو تہ هيٺ باغيچي ۾ هن ڪي اوچتو ڪوئي ڏک لڳو هو يا ڇا ٿيو هوس، پر هاڻ هن کي ڪلندو ڏسي پنهنجائپ جو احساس ٿيس..... ڪجهہ پريشاني ظاهر ڪندي پڇيائين:

"ميتا هيٺ باغيچي ۾ ڇا ٿيو هوءِ؟"

ميتا هوريان ڪمري ۾ اچي بستري جي ڪنڌ تي ويهي رهي. ڪجهہ دير ماٺ رهي، پوءِ چيائين: "ٻئي ڪنهن کي شايد نہ ٻڌائي سگهان. ڪوبہ نہ سمجهندو، اوهان پريان ڪيلن طرف جتي ٻوگن ويليا آهي، اتي هڪ شيءِ ڏٺي هئي؟"

"نہ. ڇا هو؟"

ميتا ڪجهہ چوڻ ٿي چاهيو، پر شرمائجي ماٺ ٿي وئي.....

"منهنجي ڏيان ۾ ناهي تہ مون ڪجهہ ڏٺو هو، ڇا هُو اتي؟"

ميتا جو چهرو عجيب ٿي ويو. هن هڪ ٿڌو ساهہ کنيو پوءِ پاڻ تي ٺي ڪلندي چوڻ لڳي: "اتي ڪنهن هڪ ڪتا مار رکيو هو..... مون کي پاڻ سمجهہ ۾ نہ ٿو اچي تہ ايترو زور سان مون ڪان ڇو ڪيهہ نڪري وئي..... صرف ايترو ياد آهي، تہ ڀانيو هوم ڪنهن گلن کي ڪوڙن جيان جهلڻ لاءِ اهو پڃرو رکيو آهي...."

سنجي هن جي چهري ڏانهن ڏسندو رهجي ويو.......

"آهي نہ منهن جو پاڳلپڻو....."

سنجي ڪان ڳالهايو نہ پڳو.

ڏاڪڻ تان ڪنهن جي لنگهڻ جو آواز آيو. ميتا ٻاهر ڏٺو پوءِ آواز ڏنائين:

"ناني!."

نانيءَ مٿئين ڏاڪي تي رکيل پير ورائي هيٺ رکندي آواز ڏانهن ڪمري طرف مڙي ۽ چوڻ لڳي: "تون ٺيڪ آهين؟ هيٺ بهادر مون کي ٻڌايو تہ تون...."

"هاڻ ٺيڪ آهيان." ميتا چيو ۽ بستري تان اٿي کڙي ٿي.....

نيٺ سنجي جي خاموشي پنهنجي آواز سان ملي وئي. سندس وات مان نڪتو: "يار خليل جبران! تو هڪ ڏينهن چيو هو تہ مان پنهنجي روح جي پڪل ميوي سان ايترو ڳورو ٿي ويو آهيان جو دل ٿي چوي تہ ڪوئي اچي،



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هي ميوو پٽي ۽ مون کي ان ٻوجهہ کان هلڪو ڪري. ·ڏس! مان بہ اڄ تو جيان روح جي پڪل ميوي کي ڪنيو اٿين بيٺو آهيان جو من ٿو چاهي تہ ڪوئي اچي......" ۽ سنجي محسوس ڪيو تہ اڄ ڪوئي ڪريم ئي اچي سگهي ٿو.

هن عمارت ۾ صرف هڪ ئي گهر هو. هيٺين ماڙيءَ تي. مسٽر چوپڙا جو. جنهن وٽ ٽيليفون هو. سنجي جي دل چاهيو. اڄ هو ڪريم واري پريس ۾ فون ڪري ڪريم کي گهرائي وٺي.

انهن ڏينهن ۾ پروفن جو ڪم نہ هو. هُو ڪافي ڏينهن کان پريس نہ ويو هو. اڄ بہ وڃڻ تي دل نہ ٿي ٿيس.

ٽيليفون واري گهر جي فون هن صرف هڪ ڀيرو استعمال ڪئي هئي. سا بہ گهر ڌڻيءَ جي موجودگيءَ ۾. اڄ سندس عدم موجودگيءَ ۾ دروازو کڙڪائي، گهر جي ڪنهن عورت کان اجازت وٺڻ هن کي ڏکيو لڳو. پر روح جي پڪل ميوي جو وزن شايد ڪيس ڳورو لڳي رهيو هو. هن هيٺ وڃي نوڙندي دروازو کڙڪايو.

سنجي جڏهن ڪريم کي شام جو ڇهين وڳي اچڻ لاءِ چيو: تہ ڪريم چيو:
"ڇهہ وڳا ڪنهن ڏٺا آهن، هاڻ ئي ٿو اچان......"

سنجي ڪيسي ۾ هٿ وڌو، ڪليل پنجاهہ پئسانہ هئس. انڪري هن پورو رپيو فون وٽ رکي ڇڏيو.

ڪريم جي هاڻ اچڻ واري ڳالهہ جي ڪري هڪ رپيو بہ ٿورو ٿي لڳس، ان ڪري ڪمري مان ٻاهر ايندي هَن ويل گهر ڌياڻيءَ جو سٺن لفظن ۾ شڪريو ادا ڪيو.

"هڪ منٽ." مسز چوپڙا هن کي بيهاريو.

سنجي ڪمري کان ٻاهر رکيل پير وري ڪمري ڏانهن ورايو.

"هڪ منٽ لاءِ اندر اچو. مون کي اوهان سان هڪ ڳالهہ ڪرڻي هئي، سوچيندي هئس تہ شام جو چوپڙا صاحب کي چوندس، هُو اوهان کي چوندو، پر هاڻ اوهان اچي ئي ويا آهيو......"

سنجي ماٺ ميٺ ۾ ڪمري ۾ اچي هڪ ڪرسيءَ جي ٻرسان بيهي رهيو.

"ويهو." مسز چوپڙا چيو ۽ پاڻ ٻي ڪرسيءَ تي ويهي چوڻ لڳي: "اوهان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"ڇو؟"

"ڪيترن ئي ڏينهن کان هي گوڏا ڏکي رهيا آهن....... مان تاريندو وهيس....."

"تو ڪڏهن ٻڌايو ئي نہ."

"ٻڌايان ڇا ها. سوچيم زال هڪ هجي ها تہ هڪ گوڏو پڇي ها. پر هو بہ آهن. تنهن ڪري ٻئي گوڏا پڇنا هئا."

سنجي ڪلڻ لڳو. "ڪريم ميان! ڇو هتي ويچارين کي هر وقت ڳالهائيندو ٿو رهين. ٻنهي گوڏن کي ٽڪور بہ تہ اهي ئي ٻئي ڪنديون هونديون."

ڪريم بہ کلي ڏنو. چيائين: "هڪ ڳالهہ تہ چڱي ٿي. مون کي بہ گوڏن جي سور جي ڪري هڪ ڏور هٿ اچي وئي آهي."

"ڪهڙي؟"

"هڪ ڏينهن سور وڌيڪ هو. مون کي ڪنهن اسپتال جو ڏس ڏنو ۽ اتي مون کي هر روز بجليءَ جي سيڪائي ڪرائڻي پوندي آهي. تڏهن تہ ائين ڏينهن کان اڌ ڏينهن جي موڪل ڪري ويندو آهيان. بس سائين، اتان ئي ڏور هٿ چڙهي وئي." ۽ وري ڪريم کلندي کلندي چوڻ لڳو: "اتي جنهن مشين سان تار ملائي سيڪ ڏيندا آهن، ان ۾ گهنٽي وڄندي آهي، ان جو مطلب هوندو آهي تہ هاڻ سيڪائي بند ڪريو."

"ها، فزيوٿراپي ائين ئي ٿيندي آهي."

"پهرين ڏينهن جو گهر ويندو هوس، پهچندي ئي ٻنهي جي ويڙهہ تيار هوندي هئي. پوءِ نہ ڄاڻ ڪيتري دير وڙهنديون ۽ ڪڏهن چپ ڪنديون آهن. مون بہ هڪ ڏينهن گهنٽيءَ واري گهڙي آڻي گهنٽي لڳائي ڇڏي، ۽ ماٺ ڪري کٽ تي ليٽي پيس.هتي ٻنهي پنهنجو ڪم شروع ڪري ڏنو. پوءِ سائين ويهن منٽن کان پوءِ جڏهن گهنٽي وڳي تہ مون چيو ان جو مطلب آهي تہ هاڻ ٻئي ماٺ ٿي وڃو."

"تہ هاڻ صرف ويهہ منٽ لڙائي ٿي آهي؟"

"بس ائين ئي ڄاڻو تہ اڄڪلهہ اسپتال ۾ ويهہ منٽ گوڏن جي ٽڪور ٿيندي آهي ۽ گهر ۾ ويهہ منٽ ڪنن جي ٽڪور ٿيندي آهي."

سنجي جي چپن تي درد جي هڪ ليڪ نڪري آئي. چيائين:" يار ٻڌاءِ!



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جيڪڏهن اڄ تو وٽ تنهنجي هوءَ هجي ها......"

"اوهان ممتاز جي لاءِ ٿا چئو؟"

"تو نالو ته ڪڏهن ٻڌايو ئي ناهي. صرف شيعه سني هجڻ جي ڳالهه ٻڌائي هئءِ."

"اها ئي......"

"ڀلا تصور ته ڪر، تون جڏهن گهر ويندو آهين ته اتي هُوءَ ملئي ها، پوءِ ته سائين هن جو آواز الله جي آواز جيان ڪنن ۾ اچئي ها....."

"ڪريم ميان! اهو جيڪو فرق آهي، تو ۽ مون جهڙن ماڻهن جو، سچو ڏک ان جي ڪري ئي آهي."

ڪريم ڪجهه گهڙين لاءِ ماٺ ٿي ويو. صرف سنجي جي چهري ڏانهن ڏسندو رهيو. پوءِ چوڻ لڳو: "مون ته اهو فرق پنهنجي سيني جي اندر محسوس ڪيو آهي، پر اوهان کي ان جو درد ڪيئن معلوم ٿيو؟"

"سوچيو هوم. چاٺن ۾ ورهيه لڳي ويندا، پر خبر پئي ته هڪ ئي ڏينهن جي ٿورين گهڙين ۾ ڪيترن زمانن جو فاصلو ڪيئن طئہ ڪري ورتو اٿم."

هُو ڪٿي ٻيهڻ پيو گهري ۽ٻيهي غور سان سجي رستي جو جائزو وٺڻ پيو گهري، پر هن جا پنهنجا ئي پير پنهنجي وس ۾ نه ٿي آيا. انڪري هن ٿوري دير لاءِ ڪريم جي ڪلهي تي هٿ رکڻ لاءِ ڪيس گهرايو هو.

"ڪاڏي جو وقت ٿي ويو آهي، ڪريم ميان! جيڪڏهن توکي وڃڻ لاءِ تڪڙ نه هجي ته ماني گهرايان." سنجي کي اوچتو وقت جو خيال اچي ويو.

"هن دؤر ته ماني به ڪسي ورتي آهي. هڪ ئي ويلو کائيندو آهيان. اهو به اوٻاريل ساڳ ڀاڄيءَ سان.....لوڻ بنا. پر اوهان کائو. مون کي چانهه جو هڪ گلاس گهرائي ڏيو."

سنجي اسٽووِ تي چانهه رکي. "منهنجي دل به چانهه پيئڻ تي ٿي پئي."

چانهه پيئندي ڪريم چيو: "اوهان جي ڪهاڻي ڇپيل ڏٺي هئم."

"پڙهيءَ نه؟"

"ڪافرن جي زبان جو ته هڪ به حرف سڃاڻپ ۾ نه ٿو اچي پڙهان ڪيئن ها؟"

ڪريم کلندي چيو: "پر ڏسو سائين، اسانَ جنهن کي ڪافرن جي زبان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”توکان وسري ويو ڪريم ميان! هاڻ هاڻ تو ڇا چيو هو تہ گهر پهچڻ تي جيڪڏهن توکي ممتاز جو آواز ٻڌڻ ۾ اچي ها تہ ان جو آواز الله جي آواز جيان ڪنن تي پوي ها. جيڪڏهن تنهنجو نڪاح ممتاز سان ٿيل هجي ها تہ اها تنهنجو پيرو هجي ها يا تنهن جي لاءِ ٻانگ هجي ها......“

”هُوءَ..... هُوءَ سائين، هڪ ڏينهن هن مون کي چيو هو تون منهنجو قرآن شريف آهين...... ۽ سائين، هن منهنجي بدن تي ائين هٿ رکيو جيئن ڪوئي قران شريف تي رکندو آهي ۽ چيائين: قرآن تي هٿ رکي ٿي چوان تہ روح هميشہ تنهن جو رهندو.“

ممتاز جي ڳالهہ ڪرڻ مهل ڪريم تي وجد طاري ٿي ويو تہ سنجي هن جي ڪلهي تي هٿ رکندي چيو: ”هاڻ ٻڌاءِ محبت پيرو هوندي آهي يا اڏامر..... هن تہ توکي هڪ منٽ ۾ ماڻهوءَ جي زندگيءَ مان ڪڍي..... قران شريف بڻائي ڇڏيو.“

”اهو تہ سائين سچ ۾ ڪٿي ڪرامتون هونديون آهن.....“

”تہ ميان تنهنجو عشق پيرو نہ هو. پيرو تہ ماڻهوءَ جو شيما سني هجڻ هو. جيئن برهمڻ يا کتري هجڻ هڪ پيرو هوندو آهي. يا امير يا غريب ٿيڻ آهي... يا...“

”اوهان ڇا تي چوڻ چاهيو؟“

سنجي جواب ڏيڻ بدران هڪ سگريٽ دکايو ۽ ان جي دونهين ۾ پنهنجو پاڻ کي لڪائيندي چيائين: ”قانون بہ هڪ پيرو هوندو آهي.“

”اهو تہ هوندو آهي.“ ڪريم صرف ايترو چئي ماٺ ٿي ويو.

پر سنجي جي روح جو پڪل ميوو ٽيپو ٽيپو ٿي ڳڙندو سندس چپن تي اچي ويو. ”ڪريم ميان! رسمون بہ ڪٿا مار هونديون آهن. روحن کي ڦاسائڻ لاءِ......“ ڪريم جي سمجهہ ۾ نہ ٿي آيو تہ سنجي ڪهڙي رسم ۾ ڦاسڻ کان ڊڄندي اها ڳالهہ ڪري رهيو آهي يا ڪنهن کي قاتل ڏسي چئي رهيو آهي، انڪري هو ماٺ رهيو.

سنجي جي چهري تي هڪ اداسي نرڙ تي رڳ جيان ڏيکاري ڏيڻ لڳي، تہ ڪريم ڳالهہ پاڻ ڏانهن ڦيرائي. چيائين: ”اوهان کي هڪ ٻي ڪراماتي ڳالهہ ٻڌايان، ممتاز جڏهن مون کي قرآن شريف چيو تہ مون بہ کلي چيو مانس، چڱو اسان جي گهر ۾ جيڪي بہ ڇوڪريون ٿينديون، انهن جو نالو اسان



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پيرن جا آواز اچان جاري هئا. پورن چوڏهن فوٽن جي مفاصلي ۾ پکڙيل ۽ سنجي کي محسوس ٿيو. شايد پندرهين فوٽ جي لاءِ پيرن وٽ ڪابہ ڌرتي ڪانهي. نہ انهن پيرن وٽ جيڪي مٿينءَ ماڙ تي آهن ۽ نہ هن جي پيرن وٽ..... پندرهون فوٽ؟

سنجي تصور ڪرڻ گهريو، پر پندرهون فوٽ تصور ڪان بہ پري ٿي ويو.

پانيائين، هو اچ ڏينهن تائين جو ڪجهہ لکندو آيو آهي، ڌرتيءَ تي پندرهون فوٽ حاصل ڪرڻ لاءِ لکندو رهيو آهي.

نہ..... سنجي کي لڳو، دنيا ۾ اڄ تائين جيترا بہ ڪتاب لکيا ويا آهن، اهي ڌرتيءَ جي پندرهين فوٽ کي حاصل ڪرڻ لاءِ لکيا ويا آهن.

سنجي جا پير پاڻ مرادو دروازي ڏانهن هليا ويا. محسوس ڪيائين، چوڏهن فوٽن ۾ هلندڙ پيرن کي اڄ ڪنهن ٻين چوڏهن فوٽن ۾ هلڻ وارن پيرن ڏانهن ضرور وڃڻ گهرجي. هن اڳتي وڌي نانيءَ جي هٿن مان ٻئي ٺوڪريون ورتيون ۽ چيائين: "مان پهچائي ٿو اچان."

هوا ۾ ڪجهہ حرف پکڙجي ويا. شايد نانيءَ ڪا دعا ڏني هئي، پر سنجي جي ڪنن ۾ صرف انهن پيرن جو کڙڪو هو، جيڪي مٿينءَ ماڙيءَ تي چوڏهن فوٽن جي گهيري ۾ هلي رهيا هئا.

مٿئين ڪمري جو دروازو کليل هو، سنجي هٿن ۾ جهليل ڇٻيون دروازي جي اندران پيل ميز تي رکيون تہ ڏٺائين تہ ميتا جا پير جتي هئا اتي ئي ڄمي ويا. شايد ميتا جي پيرن هيٺان صرف پيرن جيتري ئي زمين بچي هئي.

"اوهہ-!" ميتا جو آواز بہ چپن وٽ اچي بيهي رهيو. هوريان هوريان ڏاڪا چڙهندي ناني آئي تہ ڪمري جو بيٺل ساهہ معمول تي اچي ويو.

ڪمري ۾ بہ بسترا هئا. شايد اهي ڏينهن جو ويهڻ جي لاءِ ۽ رات جو سمهڻ لاءِ هئا. نانيءَ سنجي جي ويهڻ لاءِ پنهنجي بستري تي نئين چادر وڇائي ۽ چيائين: "بہ منٽ ويهہ پٽ! چانهہ پي پوءِ وڃج."

ڪمري ۾ هڪ بند ڪٻٽ هو. شايد ڪپڙن جو، بہ کليل جارا هئا. جن مان هڪ ڪتابن سان ڀريل هو، ٻيو دوائن سان. سنجي انهن ٻنهي ڪٻٽن ڏانهن نهاري ڪلي ڏنو. "ايترين دوائن جي ضرورت پنجي ويئي؟ مان ڪتابن کي دوائن جيان پيئندو آهيان."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وٺي. ”هن جون ڳالهيون ڏس....... نئين ڦتندڙ گونچ جهڙي پرٺي هئي. هن پوک، پوڙهي جهور سان..... من تہ هن جو ماريو ويو...... هُن جو ڇا ويو؟ چار ڏينهن بخار ٿيس تہ مکِ جيان هڪلي گهر مان ٻاهر ڪيڍيائينس........ دوائن جا پئسا ٿو ڀري تہ وڏو احسان ٿو ڪري.....“

نانيءَ جو ڪجهہ چيو، سنجي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌي ورتو هو. پر جڏهن ان ڳالهہ کي جيئن ميتا چيو هو، سنجي کان برداشت نہ ٿيو. هن چيو: ”اها ڳالهہ تو ڪالهہ بہ ٻڌائي هئي.“

”ڪالهہ صبح؟“

”جڏهن ٻڌايو هوءِ ڪنهن گلن کي ڪوئن جيان جهلڻ لاءِ پيجرو ٺاهي رکيو آهي.“

ميتا انهيءَ احساس جي شديد درد کان اڪيون ٻوٽيون..... هورياں هن جي واتان نڪتو؟ ”اوهان سمجهي ويا هئا؟“

اڄ سنجي جي وات تي ميتا جي لاءِ ”تون“ چا لاءِ آيو هو، سنجي کي بہ خبر نہ پئي. ميتا کي بہ ڪڙڪ نہ پئي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

"قسمت جا ياڳ! اڄ تہ دروازو بہ کڙڪائڻو نہ پيو."

دروازي جي طرفان اهو آواز آيو، سنجي مينڪا ڏانهن نهاريو.

هو بستري تي آهلي ڪتاب پڙهي رهيو هو. ڪتاب کي پاسي تي رکندي هو بستري تان اٿيو. وات مان نڪتس: "اوهہ مسز چوڌري!"

مينڪا کي محسوس ٿيو ڄڻ هن کي اندر اچي ويهڻ جي لاءِ نہ پر اٿڻ لاءِ چيو هجي. پر هن سنجي جي آواز کي ڪنن ۾ ايندي بہ ڪنن مان ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ۽ بستري تي ويهندي چوڻ لڳي: "سرڪار! غير حاضريءَ جي معافي گهرڻ آئي آهيان."

سنجي چوڻ گهريو: "غير حاضريءَ جي يا حاضريءَ جي؟" پر نہ چيائين.

مينڪا ئي چيو: "چوڌري صاحب جي ماءُ جو آپريشن ٿيڻو هو، انڪري مجبوراً ايترا مهينا اتي وڃي رهڻو پيو. پر هاڻ غير حاضريءَ جو وڏو ڏنڊ ادا ڪنديس...... تمام اونچي ترڪيب سوچي اٿم. ٻڌايانءِ؟"

"ٻڌاءِ؟"

"مان هڪ اخبار شروع ڪرڻ ٿي گهران."

"اخبار!"

"روزانہ اخبار نہ، هفتيوار يا پندرنهن روزا..... مسٽر چوڌريءَ مڃيو آهي، هوئي پئسا لڳائيندو...... ۽ سائينءَ جن ان جا ايڊيٽر هوندا....."

"مان ..... ڇو؟"

"سائين جن کي ڪم نہ کپي؟"

"سو اهو ڏنڊ آهي! پر ڏنڊ مون کي تہ نہ ڀرڻو هو؟"

"نہ سائين! ڏنڊ مان ڏئي رهي آهيان." مينڪا کلي ڏنو. پر وريّ سنجيده



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿي چيائين: ”ڏس سنجي! مان ڄاڻان ٿي تہ توکي منهن جي گهر اچي مون سان ملڻ پسند ناهي، اتي مان توکي هر وقت مسز چوڌري لڳندي آهيان ۽ هتي ايترو ڏکيو آهي. هي اخبار وارو بهانو هوندو تہ اسان ڪنهن هوٽل ۾ بہ وڃي سگهنداسون...... ۾ بہ چار چار ڏينهن شهر کان ٻاهر بہ......“

”مهربان مسز چوڌري!“

سنجي کي خبر نہ هئي تہ هن جو آواز ڪڏهن ايترو بہ زوماڻتو ٿي سگهي ٿو. مينڪا حيران ٿي هن ڏانهن نهارڻ لڳي.

سنجي جي چپن مان ٿڌو شوڪارو نڪتو. ”منهن جو خيال هو، مون زندگيءَ ۾ ڪوئي ڏوهہ نہ ڪيو آهي.... پرلڳي ٿو هڪ تمام وڏو ڏوهہ ڪيو اٿم؟“

”ڪهڙو ڏوهہ سنجي؟“

مينڪا ڪلي ڏنو ”هڪ ٻيو گناهہ هوندو آهي، جيڪو سڀ ڪندا آهن.“

سنجي ٻرندڙ اکين سان مينڪا ڏانهن ڏٺو. شايد پاڻ ڏانهن بہ، پوءِ چيائين: ”سن آف اگنورنس!“ (اڻڄاڻائيءَ جو پٽ)

۽ سنجي ڪمري جي چاٻي هٿ ۾ کڻندي چيو: ”مون کي ڪم آهي، مون کي ٻاهر وڃڻو آهي.“

”ان جو مطلب آهي تہ مان وڃان.....“

سنجي جيئن ئي جن ڪپڙن ۾ هو ٻاهر وڃڻ لاءِ وڌيو، تہ مينڪا ڪمري کان ٻاهر ايندي صرف ايترو چيو: ”تون حرامي“ ۽ پوءِ ڏاڪڻ لهي وئي.

سنجي ڪيترين پريسن ۾ پروف ڏسڻ جو ڪم ڪندو هو. هاڻ مارچ وارو پروفن جي گهڻائيءَ وارو زمانو گذري ويو هو، پوءِ بہ مئي جون ۾ ڇپجڻ وارن نصابي ڪتابن جي پروف پڙهڻ جو ڪم هن جي مانيءَ جي سهاري لاءِ نهيو پيو هو.

هو سائيڪل کڻي ڪري واري پريس ڏانهن روانو ٿيو. هيءَ پريس ٻين کان وڏي هئي. هن ۾ سيلنڊر مشين هئي. جنهن ڪري هن کي وڏين آفيسن جو ڪم بہ ملي ويندو هو. گڏوگڏ اهو ڪم بہ جيڪو ڪيترائي سفارتخانہ ترجمو ڪرائڻ جي ذميداريءَ سان گڏ هن پريس کي ڇاپڻ جي لاءِ ڏئي ڇڏيندا هئا.

”پروفن جو ڪم تہ اڄڪلهہ ڪونہ هوندو؟“ سنجي وڃي پريس جي مالڪ کان پڇيو..



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميتا ڪان پنهنجي اکين جو پاڻي جهيلو نہ ٿيو، انڪري هن پنهنجو مٿو ڪٽ جي ٻانهينءَ تي رکي ڇڏيو.

"هتي ترين تي گل جو ڦٽڻ ڪيلي جي ٽنل پن جو واپس لڳڻ جو نشان آهي."

ميتا ڪلي ڏنو.

"اهو ئي فرائڊ جو تجزيو آهي؟ اهو ئي خواب جو تعبير آهي.؟"

سنجي ڪلي ڏنو.

"سچ پچ فرائڊ زنده هجي ها تہ اهو بہ ائين چوي ها."

ميتا جو ساهہ اينگهجي ويو. چيائين: "هاڻ مان فرائڊ بڻجي ڏيکاريانءِ؟"

"ڪيئن؟"

"مان ان خواب جو تجزيو ڪريان؟"

"ان جو صرف اهو تجزيو آهي جيڪو مون ڪيو آهي....."

ميتا ڪلي ويئي.

"تہ فرائڊ کي اهو منظور ناهي تہ دنيا ۾ ڪو ٻيو بہ فرائڊ ٿي تو سگهي."

"نہ...... مون ائين نہ چيو......"

"چڱو، چئہ......"

"ان خواب جو مطلب آهي تہ اسان جي زبان جا حرف ترين مان ڪُهاڻيون ۽ ناول بڻجي ڦٽندا......"

"نہ......"

سنجي ميتاجي هٿ جي هيٺان هٿ ڪڍي ورتو. چيائين: "مون کي اها برابري نہ گهرجي......"

ميتا هٿ اڳتي وڌائي، وري سنجي جي هٿ کي هٿ لائي چيو: "وڏا گل ٽڙندا..... پر مان نہ هونديس...... مون کي هاڻ ڏسڻ ڏي......"

سنجي ميتا جو هٿ مٿي کڻي چپن سان لڳايو ۽ چيائين:

"ٻيو ڪوبہ گل نہ گهرجي..... صرف هن هٿ جو گل...... تنهن جي هٿ جو گل...... ميتا!"



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

هڪ ڏينهن منجهند جو ناني هيٺ آئي. سنجي جي ڪمري ۾ ۽ چيائين:

"تنهن جي لائق هڪ ڪم آهي پٽ! ڊڄندي ڊڄندي آئي آهيان."

سنجي اهو ئي ترجمي وارو ڪم ڪري رهيو هو. قلم جنهن لفظ تي هوس، ان کي اتي ئي ڇڏي اتي ويٺو.

"ناني! مون ۾ ڪوبہ ڪم هجي، چئي ڏينديون ڪريو. کهڙيءَ بہ مهل...... وچ ۾ اها ڊڄڻ واري ڳالهہ نہ چونديون ڪريو."

"نہ پٽ! تو کان نہ ميتا کان ڊڄندي آهيان. هوءَ پڙهندي پڙهندي هاڻ ستي آهي تہ مان لکي آئي آهيان."

"چئو!"

"مون کي ٽيليفون ڪرڻ ايندي ناهي..... هي ڏس! هن ڪاغذ تي نمبر لکيل آهي." سنجي نانيءَ جي هٿ مان ڪاغذ ورتو. ڏنائين، مسٽر پوريءَ جو ليٽر فارم هو. جنهن تي گهر جو، ڪارخاني جو، ٻئي نمبر لکيل هئا.

"تون مون سان بازار هل تہ اتي ڪيترن ئي دوڪانن تي ٽيليفون لڳل آهن. بس تون نمبر ملائجانءِ، ڳالهائيندس مان پاڻ ئي."

سنجي کي فڪر ٿيو تہ ميتا شايد اڳ کان وڌيڪ بيمار ٿي آهي. پڇيائينس:

"اتان ڪنهن کي گهرائڻو آهي؟"

"نہ پٽ! جيڪو پاڻ اچي خير خبر نہ ٿو وٺي، ان کي سڏي ڇا ڪبو...... تو ڪڏهن ڏٺو آهي؟ ڪڏهن ڪنهن ڳالهہ پڇڻ لاءِ ڪوڙ سوڙ مان ئي هيڏانهن نہ لڙيو، نہ تہ ماڻهو دنياداريءَ جي ناتي ئي سهي...."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنجي کي محسوس ٿيو تہ هن نانيءَ جي ڪنهن ڏڪندڙ رڳ تي هٿ رکيو آهي، هوءَ نہ ڄاڻ ڇا پئي چوڻ چاهي..... جيڪا ميتا کان بہ لڪائي چوڻ ٿي چاهي. "آهي تہ مري مٽي ٿيڻ واري ڳالهہ، پر ڇا ڪريان.....؟" نانيءَ چيو تہ سنجي هن کي ويهڻ لاءِ چئي، پڇيائين: "پوءِ مون کي ٻڌاءِ جيڪو چوڻو هو، مان وري ٿو چئي اچان، اوهان هتي ئي ويهو....."

"نہ پٽ! تون پنهنجي واتان ڇا چوندين......... هو ڏهن قسمن جا سوال پڇندءِ..... تہ تون ڪير آهين؟"

سنجي کي ان ڳالهہ جو خيال نہ هو، پانيائين ناني ٺيڪ ٿي چوي.

"تو وٽ سائيڪل آهي نہ..... مون کي پويان ويهاريندين؟ پنڌ هلڻ ۾ ڪافي وقت لڳي ويندو ۽ اسان جي پويان جيڪڏهن هُوءَ جاڳي پئي...."

نانيءَ کي ميتا کان چوريءَ چوڻو آهي. سنجي کي اهو اندازو ٿيو تہ چيائين: "جيڪا ڳالهہ ميتا نہ ٿي چاهي ناني! اها نہ چوڻ گهرجي."

"پر ڪريان ڇا پٽ؟ جيڪڏهن منهن جي هڙ ۾ ڪجهہ هجي...." نانيءَ مٽي تي ويڙهيل رئي کي ڏڪندڙ هٿن سان وٽ کان کولي چيو: "هن پلوءَ ۾ بدقسمتيءَ تنگ ڪري وڌا آهن، نہ تہ اڄ ڇوڪريءَ کي جيئن هن ڏکو ڏئي ڇڏيو آهي، مان پنهنجي گهر نہ وٺي وڃان ها؟"

سنجي نانيءَ کي ٻانهن کان وٺي بستري تي جڻ زوريءَ ويهاريو، چيائين: "وري پئسن لاءِ چوڻو آهي؟"

"ها پٽ! وات سڙندو آهي اهڙي ڳالهہ ڪندي..... پر هوڏانهن ڊاڪٽر ٿو چوي، روز هيترن ميون جي رس ڏيوس..... ڪٿان آڻيان.....؟ ديوار تي ٻارڻ جون ڦتيلون رکڻ سان ڇت نہ جڙي پوندي. نانيءَ جو آواز ٽٽڻ لڳو. هُوءَ جڻ سنجي جي آڏو نہ قسمت جي اڳيان دانهيندي هجي. "باهہ لڳي هن جي لکن کي، منهنجي ڌيءَ لاءِ ڪجهہ نہ رهيو آهي هن وٽ. چوندو هو، هر پهرين تاريخ مان پاڻ ئي اوڏانهن موڪلي ڏيندس..... اڄ پندرنهن ڏينهن گذري ويا آهن."

سنجي جنهن ڏينهن ترجمي وارو ڪم وٺڻ ويو هو، هن کي پاڻ ۾ ڪجهہ محسوس ٿيو هو، اهو جيڪو هن پنهنجي ڇپن سان بہ ڪنهن کي چوڻ نہ ٿي چاهيو. پر هن مهل پانيائين تہ ڪن نانيءَ جي واتان اهوئي ٻڌي رهيا آهن.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪجهہ هئينءَ، اهو ڪيئن ٿي وئينءَ. منهنجو مطلب آهي.... تون...."
"سمجهي ورتم تہ پئسن لاءِ ڇو وڪجي ويس؟"
"مان اها ڳالهہ ڇٽي نہ ٿو سگهان......"
"پر اهو سچ آهي......"
"جيڪڏهن سچ آهي تہ ڇو؟..... ڇو.......؟"
"ٻڌائي تہ رهي آهيان....... منهن جي پيءُ منهنجي ماءُ جي زندگي اهڙين پريشانين وٽ گروي رکي هئي جو هو وري ڪڏهن ڇڏائي نہ سگهيو..... امان سچ پچ فڪرن وٽ گروي رکي وئي هئي."
سنجي کي ڪجهہ چوڻ ڏاڍو مشڪل لڳو. هو صرف ميتا ڏانهن ڏسندو رهيو...... ميتا ئي اڳتي چيو:
"انڪري امان ڪان پوءِ منهنجو وارو هو...... پر شادي تہ ڪنهن بہ شيءِ کي گروي نہ رکندي آهي جنهن کي ڪڏهن ڇڏايو وڃي..... تنهن ڪري هن مون کي وڪڻي ڇڏيو...... هي سڀ ڪجهہ وهسڪيءَ جو نتيجو آهي سنجي! انڪري ٿي چوان......."
"وعدو ڪريو، نہ پيئندؤ."
"هڪ شرط تي."
"ڪهڙو؟"
"تہ هڪ ڀيرو اها ڳالهہ مون سان هر روز ڪندي ڪر..... هميشہ....."

"ءُ جيڪڏهن هر روز نہ چوان؟"
"جنهن ڏينهن نہ چوندينءَ ان ڏينهن پيئندس."
ميتا، سنجي جي ڇيل شرط ۾ هڪ التجا ڏسي ورتي. اکيون هيٺ ڪيائين. ڄڻ زندگيءَ سان گلا ڪري رهي هجي، ان معصوم ڳالهہ جي چوڻ لاءِ تون مون کي مهلت ڇو نہ ٿي ڏين.
"ڏس!"
ميتا سنجي ڏانهن ڏٺو پر هاريل اکين سان......
"تو چيو هو نہ تہ جيڪو ڪجهہ شاديءَ جهڙي شيءِ جي آڏو گروي رکبو آهي..... اهو ڇڏائي نہ سگهبو آهي..... مان اقرار ٿو ڪريان، اهو ڇڏيندس،


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪنهن بہ قيمت تي.....“

۽ سنجي نوڙي بستري تي ويٺل ميتا جا چپ چمي ورتا.

اهو اوچتو ٿي ويو هو، انڪري ميتا گهبرائجي سنجي ڏانهن ڏٺو، چيائين:

”وري ائين ڪڏهن نہ ڪجان.“

سنجي کي محسوس ٿيو، ميتا جي لفظن سان دل کي ڪٿي زخم رسيو آهي، ان جاءِ تي جتي نہ لڳڻ گهربو هو.

”مون کان وسري ويو هو.“ سنجي جي واتان اڌورو جملو نڪتو ۽ هو ماٺ ٿي ويو.

”بيماري بہ ڪا وسارڻ جي شيءِ هوندي آهي؟“

ميتا چيو تہ سنجي هن ڏانهن عجيب تسليءَ سان نهاريو.

”اوهان غلط سمجهيو منهنجي وفا قانوني ناهي، دل سان آهي..... زندگيءَ سان هئي، پر هن پيچي وڌي......“

”ميتا!“سنجي جو آواز زندگيءَ جي لونءِ لونءِ ۾ شامل ٿي ويو. ”تو ڇو سمجهي ورتو آهي تہ تون ڇِي نہ ٿِي سگهين..... توکي جيئڻو پوندو......“

”هميشہ چاهيندي هئس تہ ڪوئي ائين چوي.“

”مان چوانءِ ٿو.“

”پر هاڻ ڏاڍي دير ٿي وئي آهي.“

”نہ....... نہ...... نہ......“

”هاڻ ٻيو ڪجهہ نہ، هڪ ٻي شيءِ جي گهرڻ جو وقت آهي.“

”ڇا؟“

”ڇئي ڏيان؟ من ٿو چاهي.“

”ڇہ ميتا! منهنجي جان بہ گهري وٺ.“

”جيڪڏهن پنهنجي جان پاڻ وٽ سلامت هجي ها تہ ضرور اها گهران ها، اها گهري سگهان ها تہ مون کي..... دنيا کان ٻيو ڪجهہ نہ گهرجي ها.“

”ميتا......؟“

”پر هاڻ بہ هڪ شيءِ گهرڻ جو وقت آهي..... منهنجي دل ٿي چاهي..... منهنجو ڪفن ٻئي ڪنهن جي هٿ ۾ نہ هجي صرف تنهنجي هٿ جو..... سنجي-!“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اڄ ڀهريون ڀيرو ميتا جي وات مان سنجي جي لاءِ "تون" نڪتو. شايد وات مان نہ روح مان..... جهڙو هڪ روح کي پرسان ويهاري ٻئي روح ڳالهايو هجي. سنجي کي ڀهريون ڀيرو هڪ درياءَ کي ٻئي درياءَ سان ملڻ جهڙو احساس ٿيو. گذريل ڏينهن جي پنهنجي اڄ ياد اچي ويس ۽ اها تڙپ جڏهن هڪ ڀيري هن ڪافڪا کي مخاطب ٿي چيو هو: "يار ڪافڪا! تون ڄاڻين ٿو تہ هڪ درياءَ کي جيڪا اڄ لڳندي آهي اها ٻئي درياءَ جي هوندي آهي. راهگير جي ملڻ سان ڇا ٿيندو. جيسين درياءَ کي درياءُ نہ ملي....."

۽ سنجي اڄ ڪافڪا جي جاءِ تي اها ڳالهہ ميتا کي ٻڌائي.

ميتا ڪافي دير تائين ماٺ رهي. پوءِ چوڻ لڳي: "پر سنجي! هي ريگستان آهي جيڪو منهنجي چئني پاسي پکڙيو پيو آهي ۽ مان ان ڪان لڪي هڪ ڪمري ۾ پئي آهيان..... نہ ڄاڻ ڪهڙي ڏينهن صبح، شام، ڪهڙيءَ بہ مهل هو منهنجي ڪمري ۾ گهڙي ايندو."

شام جو پنجين وڳي جڏهن سنجي ترجمي واري ڪم جي آخري پيرا پوري ڪئي، اتي هڪ نظر لکيل ڪاغذن جي ڍير ڏانهن ڏنائين تہ محسوس ٿيس، اڄ هن جو ڪمرو هنن لفظن جي فريب کان آجو ٿي سمهڻ ٿو گهري. سنجي جي هٿ مان سگريٽ جي دونهين مان اوچتو هڪ ٻيو دونهون بہ نڪتو.

"خدايا! ڪڏهن اسان جي ڌرتي بہ انهن ٻولين جي فريب مان آزاد ٿيندي؟" ان ئي شام جو سنجي سڄي محنت وچي پريس جي مالڪ کي سونپي. معاوضو نہ ورتائين، وقفو ڏنائين، ۽ جڏهن اٿڻ لڳو، پريس جي مالڪ ويهڻ لاءِ چيس.

"ٻيو ڪم ملي ٿو سگهي؟"

"ڪافي گهڻو.... جيڪڏهن ڪرين تہ.....؟"

"ڪندس....."

"پر ترجمي جو ناهي.. اهو بہ ملي ٿو سگهي. پر ان ڪان بہ وڏو ڪم آهي هزارن جو ....."

هزارن جي نانءَ تي سنجي جي دل ۾ شڪ پيدا ٿيو، پانيائين، جنهن ڏينهن محنت جو معاوضو پيٽ ڀرڻ جيتري ماني ڏيندو، اهو وقت اڃا نہ آيو آهي. هي ضرور ڪو ٻيو وقت آهي. پر چيائين ڪجهہ نہ....



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڇڏيندا آهيون. ڪيترا ترڻ تي پئسا وٺندا آهن. ڪي اونڌي ترڻ تي، اسان ڪي چاهي... جيئن ڪجهه ڪندا آهيون..."

پريس جي مالڪ اڳ سنجي سان پنهنجون ڳالهيون نه ڪيون هيون. اڄ ڪجهه ڪيائين ته سنجي کي محسوس ٿيو: انسان ڪجهه ڪري، هو پل ڪيڏو ئي وڏو واپاري ڇو نه هجي. هن کان به ڪڏهن ڪڏهن من جو بوجهه ڪنيو نه ويندو آهي.

هن کي پريس جي مالڪ سان ڪجهه همدردي ٿي وئي. هن جي روزگار جي ڪري نه پر انڪري ته صحيح ۽ غلط جي ڄاڻ ڪتي بچائي ٿورو ئي رکي سگهيو آهي. هو پڙهائي رهيو هو...." ۽ جن جي هلندي آهي، اهي پنهنجا ڪتاب، ماڻهن کي زوريءَ ته نه پڙهائي سگهندا، پر اسڪولن ڪاليجن ۾ ڪتابي پڙهائي ڇڏيندا آهن. زوريءَ هنن جي نڙيءَ مان لهرائي ڇڏيندا آهن."

ڪجهه گهڙين جي لاءِ سنجي جي من جو درد پريس جي مالڪ کان واقف ٿي ويو. وات مان نڪتس: "پر ٻارن جو مستقبل ......."

"ڪڏ ۾ پوي ٻارن جو مستقبل.... ان جو ڪنهن کي فڪر آهي..."

سنجي جي ذهن ۾ ميتا جا لفظ گهمي ويا. منهنجي پيءُ منهنجي ماءُ جي زندگي پريشانين وٽ گروي رکي هئي... من ئي من ۾ ان مهل ميتا کي چيائين: "ڏس ميتا! .... ڪنهن ڪنهن، ڪنهن ڪنهن جو ڇاڇا گروي رکي ڇڏيو آهي... ڏس! اسان جي دنيا ۾ ماڻهو ايندڙ نسلن جو آئيندو به گروي رکي ڇڏيندا آهن...."

"ڇا سوچي رهيا آهيو؟" اوچتو پريس جي مالڪ پڇيو.

"ڪجهه نه...."

"پوءِ ڪتاب لکندؤ؟"

"لکي نه سگهندس!"

"سوچي ڏسو....."

"ترجمي جو ڪم هجي ته ڪري ڏيندس."

پريس جي مالڪ هڪ ننڍڙو ڪتاب ڏيڻ سان ئي چيو: "اها ته گذارو ڪرڻ واري ڳالهه آهي."

سنجي ڪلي ڏنو. ڪتاب وٺي ۽ ٻاهر اچي مشين واري حصي ۾ ڪريم کي



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏسڻ ويو. ڪريم ٻاهر نل تي هٿ منهن ڌوئي رهيو هو. هن پري کان ئي سنجي کي سڏيو ۽ ويجهو اچي سندس هٿ ۾ نئون ڪتاب ڏسي پراڻي ڳالهه دهرائي.

"سنجي صاحب! خدا ڪان اڪين جو ويمو ڪرائي چڪا آهيو يا هاڻ ڪرائڻو اٿو؟"

سنجي ڪريم سان هٿ ملائيندي چيو: "مون ته ڪريم ميان توکي چيو هو ته هڪ ڏيهن ويمي جي ان ايجنٽ کي وٺي اچ.... مان ويمو ڪرائي وٺندس."

تون آئين ئي ڪونه...."

"هاڻ ڪيڏانهن، گهر ڏانهن ٿا هلو يا.....؟"

ڪريم دروازي جي پويان ٽنگيل ڪپڙا ڪنندي ۽ بدن تان مشين جي تيل ۾ ٿقيل ڪپڙا لاهيندي چيو.

"سڌو گهر...."

"پوء مان اوهان سان گڏ هلان ٿو."

"مان توکي چوڻ وارو ئي هوس."

"توهان وات کي ڳالهين جي نلڪي جو لڳائي ڇڏي آهي، ڪجهه ڏينهن تي ويندا آهن اوهان سان ڳالهائڻ کي ته ايمان سان نشو ٿئي پوندو آهي."

ڪريم به پنهنجي سائيڪل ڪٽي ورتي ۽ سنجي به. رستي ۾ سنجي ڪريم کي چيو: "ميان! تون جيڪڏهن وراڻي تي ٿورو ترسين ته مان ڪجهه دارو وٺي اچان."

"مون کي ته سائين اسپتال وارن پرهيز گار بڻائي ڇڏيو آهي، اوهان پيئڻ چاهيو ته اوهان جي مرضي." ڪريم چيو.

سنجي سائيڪل نه بيهاري، چيائين: "هون، ته مون کي به ڪنهن پرهيزگار بنائي ڇڏيو آهي."

"هلو، پوء هلي چانهه ٿا پيئون." رستي ۾ ڪريم پنهنجي دل جو غبار ڪڍيو. "سنجي صاحب! ماٺهو پرهيز گارن جي ڏاڍي عزت ڪندا آهن. پر سائين جيڪڏهن ڪنهن ڏک ۾ ڏک پي ورتا، ته ماڻهن کي ايترو فڪر ڇو ٿي پوندو آهي؟ جن ڳالهين لاء پرهيز گار هئڻ گهرجي، انهن کان ته ڪوبه نه ٿيندو آهي....."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪريم ٻي ڳالهه ٻڌائي: ”پريس جي مالڪ جو سرڪاري دربار ۾ چڱو اثر رسوخ آهي. ڪيس مشين جي لاءِ آسانيءَ سان لائسنس ملي ويندو آهي ۽ پل ڪيس نئين مشين جي ضرورت نه به هجي، هو لائسنس وٺي اچي وڪڻي ڇڏيندو آهي.“ وري هن اداس ٿي چيو:

”محنت جو ملهه ته ٿورو هوسون. پر هاڻ ته چوٽيون به ڪوڙيون ٿي ويون آهن. هاڻ ته رسوخ جو ملهه ٿيندو آهي... آنگر لوڏڻ جو....“ سنجي ڪلي ڏنو ته ڪريم ڏک مان وراڻيو:

”سرڪار به انڌي هوندي آهي سائين! اک ڇٽي ڪڍهن به نه ڏسندي آهي ته ڪاغذ ڪنهن کي ڏنا آهن ۽ مشين ڪٿي پهچي وئي آهي. هن صرف صحيءَ لاءِ آنگر لوڏي ۽ هزارن جا نوٽ کيسي ۾ وجهي ڇڏيا.“

”ڪريم ميان! اها ڳالهه ته خدا تعاليٰ پاڻ شروع ڪئي آهي، پوءِ ماڻهو ويچارو ڇا ڪري.“ سنجي چيو ۽ کلڻ لڳو.

ڪريم ڏاڍو پريشان ٿيو ته سنجي وري ڳالهايو: ”ڏس ميان! الله کي به لائسنس مليو هو ماڻهو ٺاهڻ جو پر هن به لائسنس وڪڻي ڇڏيو. ڪنهن ڪاريگر کي وڪڻي ها ته ڪا ڳالهه ٿئي ها، هو ماڻهو گهڙي ٺاهي ها، پر هن ان ۾ تميز نه ڪئي، نه ڄاڻ ڪهڙي سيڪڙات کي ڏئي ڇڏيائين ۽ روز ٺيڪي تي ماڻهو ٺاهڻ لڳو....“

ڪريم کي جيئن ئي کل اچڻ لڳي ته سامهون سڙڪ تان هن جو ڌيان لهي ويو. اتفاق سان سنجي جي سائيڪل نه اڳتي هئي نه پوئتي، بلڪل گڏ هئي.... هن پنهنجي سائيڪل جي بريڪ تي هٿ رکندي ڪريم جي سائيڪل جي هينڊل کي به هٿ سان جهلي ورتو. ته ڪريم جا حواس جاءِ تي آيا.

سامهون سائيڪل سان لڳندي هڪ ٻار نڪري ويو ته ڪريمُ هن جي بچي وڃڻ تي سک جو ساهه کنيو. چيائين: ”بچي وياسون، سائين! ورنه الله جي مال جي گهٽتائي ٿي وڃي ها.....“

سنجي ڪمري ۾ اچي چانهه ٺاهي.

صبح واري چانهه جا گلاس اڃا نه ڌوتا هائين. ان ڪري ڪريم گلاس ڌوئڻ لڳو.... گڏوگڏ ٻڌائڻ لڳو: ”اڄ ته سائين مون به هٿن کي به پيرا صابڻ سان ڌوتو هو.... وڏو ڏوهه ڪيو اٿم اڄ هنن هٿن سان...“



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”ان سان ملندين؟“

”جيڪڏهن توهان ملائيندؤ تہ....“

”پوءِ اٺ!“ سنجي ڪريم کي مٿي ميتا جي ڪمري ۾ وٺي آيو. پوين ڏينهن ۾ ميتا سنجي جو ڇپيل ناول پڙهي ورتو هو ۽ ٽيو ڏينهن کان هُوءَ نئون لکيل ناول پڙهي رهي هئي، جيڪو اڃا ڇپيو نہ هو. انڪري اوچتو سنجي کي ڪمري ۾ آيل ڏسي هن جي واتان ناول جي ڪردار جو نالو نڪري ويو. ”اقبال.......!“

هُوءَ ڪجهہ وڌيڪ چوڻ واري هئي، پر سنجي سان گڏ ڪنهن ٻئي کي ڏسي ماٺ ميٺ ۾ بستري تان اٿي کڙي ٿي.

”هي منهنجو دوست آهي، ڪريم قادر....“ سنجي، ميتا سان تعارف ڪرايو ۽ ڪريم کي چيائين: ”هيءَ منهنجي ممتاز آهي، ڪريم ميان!“

”سبحان الله!“

ڪريم وڏي ادب سان ميتا کي سلام ڪيو ۽ سنجي ڏانهن نهاريندي چيائين:

”اهڙي صورت خدا پنهنجي هٿن سان ٺاهيندو آهي.“

ميتا، ممتاز نالي جو مطلب سمجهڻ لاءِ سنجي ڏانهن ڏٺو.

سنجي هن ڏانهن نہ پر رڌڻي ڏانهن ڏسندي آواز ڏنو. ”ناني! چانهہ پياريو.... تمام سٺي، ڦوٽن واري.“

ناني هڪ منٽ ۾ رڌڻي مان ٻاهر آئي.

ڪريم بستري تان اٿي دعا سلام ڪيس.

نانيءَ سنجي کي وڏي شفقت سان ڏٺو ۽ چيائين: ”هاڻ ٿي آئيان، پٽ!“

”ادا ڪريم! اوهان جو نئون ناول پڙهيو آهي؟“ ميتا ٻيهر بستري تي ويهندي پڇيو.

ڪريم کي زندگيءَ ۾ پهريون ڀيرو پنهنجي اڻ پڙهيل هجڻ تي پڇتاءُ ٿيو. هن کلندي چيو: ”اسان تہ صرف پنهنجي يار کي پڙهيو آهي، ٻيو ڪجهہ بہ نہ پڙهيو آهي.“

”جيڪو ڪريم پڙهيو آهي ميتا، اهو ڪنهن ٻئي نہ پڙهيو آهي.... جيڪڏهن تون ڪريم جي واتان ڪجهہ بلهي شاهہ کي ٻڌين....“

سنجي چيو تہ ميتا جي چهري تي چمڪ اچي وئي، چيائين: ”پوءِ نانيءَ



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪي سڏيو. اها تہ ديواني ٿي پوندي. منهنجو نانو تمام سٺيون ڪافيون ڳائيندو هو. هُو تہ مريد هو بلهي شاهہ جو..... سلطان باهو بہ ڳائيندو هو.... جنهن جي هڪ ٺي هوڪ سان سڄو ڳوٺ گونججي ويندو هو."

"ڪهڙي ڳالهہ ڪبي سائين، حضرت باهوءَ جي....."

ڪريم جي من ڇلانگ ڏنو واتان نڪتس: "پوءِ تہ سائين اوهان سڀ روح وارا ماٺهو آهيو."

ناني چانهہ ڪٽي آئي ۽، رکي وڃڻ لڳي تہ ڪيس ميتا وڃڻ نہ ڏنو.

چيائين: "اڄ ڀائو ڪريم اسان جي مراد پوري ڪرڻ آيو آهي. هي سلطان باهُوءَ جو ڪلام ڳائيندو آهي."

"تنهن جو نانو ڳائيندو هو." نانيءَ پرجي آيل من سان چيو. پر هڪ حسرت سان ڪريم ڏانهن ڏٺائين.

چانهہ پي ڪريم ٻول ڪنيو،

"الـف الله چنـبـي دي بـوٽـي، مــرشـــد مـن وچ لائـي هُو،
نـفـي اثـبــات دا پـانـي ملـيــا، هـر رنـگ هـرجائـي هُو،
انــدر بـــوٽـــي مُشـــڪ رچايـــا، جان ڦــلـــن پــر آئـــي هُو،
مــرشـــد بـاهـو هـردم جيــوي، جس ايهـــ بـوٽـي لائـي هُو.

*(الله چنبيليءَ جو ٻوٽو آهي، جيڪو مرشد من ۾ لڳايو آهي،
هر رنگ هر جڳهہ، نفي ۽ اثبات جو پاڻي مليس،
ٻوٽو جڏهن ٻوريو تہ منهنجو اندر مهڪ سان ڀرجي ويو،
باهو چوي ٿو منهنجو مرشد هردم جيئي، جنهن هي ٻوٽو لڳايو آهي )*

نانيءَ جي اکين مان ٽپ ٽپ ڪري ڳوڙها ڪرڻ لڳا ۽ سنجي؛ اڄ ڀهريون پيرو ميتا جي چهري تي اهڙو وجد ڏٺو جو هاڻ ميتا جي عمر جي ورهين ڪي بہ وساري ويٺو.

ڪريم ميان من جي لهر ۾ ان سان ٻيون مصراعون بہ ڳنڍي ڇڏيون:

رانجهن نون مين ڊونڊ چلي، مينون رانجهن مليا ناهين،
رب مليا مينون رانجهن نہ مليا، رب رانجهن ورگا ناهين.
(مان رانجهڻ کي ڳولڻ نڪتس، مون کي رانجهڻ مليو ناهي،
رب مليو، مون کي رانجهڻ نہ مليو، رب رانجهي جيهو ناهي. )



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميتا ڪان نانيءَ جي، ڪريم جي ۽ شايد پنهنجي موجودگي بہ وسري وئي. هن سنجي کي ڏسندي نہ ڇاڻ ڪهڙو من جو عالم اکين ۾ اوتي ڇڏيو سنجي کي لڳو: "جڏهن ايشور بہ ڪنهن جي هستيءَ جي آڏو نندو ٿي ويندو آهي، هن اها گهڙي جي ورتو."

ڪريم کي وقت جو خيال آيو ۽ هو ميتا کي سلام ڪندي، بستري تان اٿي ڪڙو ٿيو.

"اڄ خبر ناهي، ڪريم پائو! اوهان مون کي ڇا ڏيو ٿا وڃو." ميتا پرريل اکين سان ڪريم ڏانهن ڏسي چيو. "ائين ٿو لڳي تہ ڄڻ مون کي پنهنجو پاڻ ڳولي ڏيو ٿو وڃين."

سنجي، ڪريم کي وٺي، هيٺ پنهنجي ڪمري ۾ آيو. هن جي من جا بند ٽٽي پيا.

ڪريم کي بستري تي ويهاري ۽ اوڪڙو فرش تي ويهندي ڪريم جي هنج ۾ متو رکي روئي ويٺو. سڏڪندي چيائين:

"هي جو ڪجهہ مليو اٿم ڪريم ميان! جلد وڃائجي ويندو...... جيڪا بہ ممتاز هوندي آهي، اها دنيا جي شيءِ نہ هوندي آهي....."

ڪريم سمورو دک ڇاتو، سمجهيو ۽ چيائين:

"خدا وند! ڏس، پنهنجي آدم جا آنسو، جيڪي تون بہ نہ ٿو اگهي سگهين."



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

○

سنجي ڪيتري دير تائين دريءَ مان نظر ايندڙ آسمان جي ان ٽڪريءَ ڏانهن ڏسندو رهيو. جتي ٿوري دير اڳ ميتا اشارو ڪيو هو!

"سنجي يقين ڪندين؟" هن پڇيو.

"ها، ڪندس ميتا!" سنجي چيو هو. هن نه ٿي ڄاتو ته ڪهڙي ڳالهه جو، ۽ ڇو؟ پر يقين نه ڪرڻ کان يقين ڪرڻ ٿي ڪيس آسان لڳو. ان سان ميتا جي چهري تي به هڪ اطمينان جي جهلڪ اچي وئي هئي ۽ هن چيو هو: "هتي نيري بادل ۾ مان هوندس..... "

۽ سنجي ڏٺو، سامهون هڪ ڪڪري آهي ۽ آسمان ۾ هڪ سفيد پکي ان ڪڪريءَ ڏانهن اڏامي رهيو آهي.

وري محسوس ٿيس. اهو اڏامندڙ پکي ڪڪريءَ جي وچ ۾ وڃي ويهي رهيو آهي.

هڪ ئي جاءِ تي، اڻين ٿي سفيد پر پکيڙي، ۽ ڪڪريءَ جي نيري رنگ ۾ پکيءَ جي ڪير کان به سفيد پرن جو رنگ اچان به نکري پيو. پکي ان ٿي نموني هڪ ئي جاءِ تي جمي ويو آهي...... وري لهندڙ سج جي لاليءَ سان بادل جو اهو ٽڪرو به رڱجو ٿي ويو، پکيءَ جا پر به....

نانيءَ کان دانهن نڪري وئي..... پر سنجي جي هنج ۾ هڪ خاموشي هميشه جي لاءِ پنجي وئي...... جيئن ان مهل ميتا جو مٿو هنج ۾ پيو هو.

نيٺ رات جي اونده آسمان جي ڳاڙهاڻ پنهي هٿن سان اگهڻ لڳي.



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پڇاڻي:

ڪجهہ آواز شايد صدين کان هوا ۾ ترسيل هئا. سي سنجي جي ڪنن ۾ پَريا......

"اي پٽ! جيڪڏهن تون هن مها پڌ کي ڏسڻ گهرين تہ توکي دوئي درشٽي ڏئي ٿو سگهان......."

"اي برهم ديو! ديد باس! انهيءَ پڌ ۾ منهنجي ئي سڀ جو خاتمو ٿيندو، انڪري ئي ڪيس اکين سان ڏسڻ نہ ٿو گهران. مان ڌرت راشٽر انڌو ئي رهڻ ٿو گهران. مان صرف پڌ جو حال ٻڌي سگهان، اهڙي ڪا مهرباني ڪريو......"

سنجي جا ڪن ٻڌي چرڪي پيا. هڪ آواز ڪنن ۾ آيس. "سنجي! تون جهيڙي جو پورو حال، ظاهر، غيبي يا من جو..... سڀ ڄاڻي ويندين. مان توکي غيب ڏسڻ جي نظر ٿو ڏيان. تون ئي ڌرت راشٽر کي سڄو پڌ جو اکين ڏٺو احوال ٻڌائيندو رهجانءِ."

ڪنن ۾ وري آواز گونجيس. هن پيري نظر وياس جي ڌرت راشٽر جي آهي. "سنجي! هن مقدس ڌرتيءَ ڪي روڪيشتر جي ميدان ۾ گڏيل ڪوروئن ۽ پانڊوئن ڪيئن پڌڻ شروع ڪيو؟"

هڪ الست جو عالم طاري ٿي ويو. گهگهہ اوندهہ جو راڄ مڙهجي ويو..... ماحول ۾ خاموشي ڇانئجي وئي. نہ ڪوئي آواز، نہ ڪائي صورت شڪل..... وقت جو احساس بہ گم ٿي ويو..... سنجي کي ڪابہ خبر نہ ٿي پئي تہ هو ڪهڙي جاءِ تي آهي؟ ۽ ڪهڙي دؤر ۾؟



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناول مان ڪنيل

- تصور انسان جي بغاوت جو سڀ ڪان وڏو ذريعو هوندو آهي.
- درياءَ جي وهڪ جهڙي عام ڪيفيت جيڪا جيت ۽ هار جي ڪنارن وٽان بي نيازيءَ سان وهندي اڳتي هلندي ٿي وڃي.
- درياءَ مان ڪوئي به دل ڀري پاڻي پي ٿو سگهي، درياءَ کي ڪوئي اعتراض نه هوندو آهي. پيئڻ واري جي اڄ ٿي ڪا جهل پل ڪائي بندش نه هوندي آهي.
- ڪيئن درياءَ! ڪنهن آجاري هڪ ڏڪ ڀري ورتو ته توهان جي ڪجھ گهٽيون ته نه؟
- ماڻهو ماني خريد ڪري يا ڇهرا، گهٽ ۾ گهٽ ايئن ته ٿيندو ته ڇهرا خيرات ۾ ونڊا نه پوندا.
- بعاوت ته نڙين ۾ گهٽي پئي آهي. اتي صرف مانيءَ جي صحي هجڻ گهرجي.
- جڏهن کان دنيا جڙي آهي، تڏهن کان ڪجھ ماڻهو لڳاتار حرفن کي قتل ڪندا آيا آهن ۽ ڪجھ ماڻهو اهڙا هوندا آهن، جيڪي پنهنجو پاڻ کي حرفن ۾ وڃائي ڇڏيندا آهن.
- منهنجو ساهه انهن ڪاغذن ۾ آهي، اهي رهندا ته مان مري نه سگهندس.

□ امرتا پريتم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# پڙهندڙ نَسُل . پ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڙِڪَ ”لُڙهندَڙ نَسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندَڙ، ڪَڙهندڙ، ڪُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪَندَڙُ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙَهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سَگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سيني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوُٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنی e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهڻ ۽ هِڪَ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَـنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪـو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهـڙي دعوىٰ ڪري ٿـو تـہ پَڪَ ڄاڻو تـہ اُهو ڪُـوڙو آهي. نہ ئي وري پَـنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيـڪڏهن ڪـو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جهڙيءَ طَـرَح وڻـن جا پَـنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَـنَ بہ مختَلِف آهـن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، ٻَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصي ۽ ٽالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تـہ پَـنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تـي بہ ٿِيـن. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَـٻِئي جي مدد ڪَـرڻ جـي اُصولَ هيـٺ ڏي وَٺُ ڪنـدا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهنـدا. پَنَـن پـاران ڪتـابن ڪـي ڊِجيِٽـائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي کُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي تہ هو وَسَ پٺاندڙ وڏِ کان وَڏِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن بہ رُڪاوٽ کي نہ مڃن.

شيخ اَياز علمَ، ڄاڻ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو تہ:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو ٻوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!

مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نہ آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ ـ

اِن حسابَ سان اڻڄاڻائي کي پاڻ تي اِهو سوچي مَڙهڻ تہ ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‌ءَ جي نشاني آهي.

پَنَ جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڻ کي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪچي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻچاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پَڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **ڇو، ڇالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوٺَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٹتر گهرج unavoidable necessity سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

**توهان بہ پڙهڻ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا. بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها توڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.**

وڻ وڻ کي مون ڀاڪي پائي چيو تہ "منهنجا ڀاءُ
پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ".
- اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)